سال (18) آچر 12 اپريل 2026ع 23 شوال المڪرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (200)

ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ڪراچي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 12 اپريل 2026ع 23 شوال المڪرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (237)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Sunday 12th April 2026
Daily Ibrat Hyderabad Sunday 12th April 2026

اسان آمريڪا ۽ ايران کي جنگبندي تي راضي ڪيو، باقي نتيجا الله جي هٿ ۾ آهن: وزيراعظم

خدا جي فضل سان، اهي ڌريون، جيڪي ڪالهه تائين هڪ ٻئي جي سامهون هيون ۽ علائقائي تباهي جو منظر هيون، هاڻي ٻئي ڳالهين ذريعي مسئلن کي حل ڪرڻ تي متفق ٿي ويون آهن: شهباز شريف

ڌرين کي هن اهم پيش رفت ۾ ڪردار ادا ڪرڻو آهي، ٻئي ملڪ منهنجي درخواست تي عارضي جنگ بندي تي متفق ٿيا، ڳالهين جي ميزباني جو اعزاز نه رڳو پاڪستان لاءِ پر اسلامي دنيا لاءِ به فخر جوڳو آهي

نتهائي نازڪ لمحن ۾، پاڪستان جي قيادت، تمام محتاط ۽ اعتماد واري انداز ۾، نه رڳو ٻنهي ڌرين کي عارضي جنگ بندي تي راضي ڪرڻ لاءِ قائل ڪيو پر اسلام آباد اچڻ جي مخلص دعوت پڻ ڏني

هن صورتحال دوران اسحاق ڊار ۽ سندس ٽيم ڏينهن رات ڪم ڪيو، مان انهن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو خاص طور تي فيلڊ مارشل کي، جنهن جنگ جي ٻاهه وسائڻ ۾ اهم ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي

تاريخ فيلڊ مارشل جي انهن خدمتن کي هميشه سونهري لفظن ۾ ياد رکندي، عارضي جنگ بندي ڪان پوءِ ڏکيو مرحلو مستقل جنگ بندي ۽ ڳالهين ذريعي مسئلن کي حل ڪرڻ آهي جنهن سان معصوم زندگيون بچي وينديون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته الله جي فضل سان امن ڳالهيون جاري آهن ۽ ٻئي ڌريون ڳالهين لاءِ اسلام آباد پهتيون جنهن جي ڪاميابي لاءِ اسان مخلصانه ڪوشش... بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ايراني آئيني اسيمبلي جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف سان گڏجاڻي دوران ڳالهائي رهيو آهي

آمريڪا ۾ ويزا فراڊ ڪيس، 10 پارٽي شهرين تي فرد جرم لاڳو

انهن ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ جعلي هٿياربند ڦورن جي سازش تيار ڪئي: ڏوهه ثابت

نيويارڪ (اي پي پي) آمريڪا ۾ ويزا فراڊ جي هڪ ڪيس ۾ 10 ڀارتي شهرين تي فرد جرم لاڳو ڪئي وئي آهي. آمريڪي انصاف واري کاتي مطابق جوابدارن تي الزام آهي ته انهن ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ جعلي... بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

5 ڪشميري نوجوان 15 سالن کانپوءِ ڪوڙي ڪيس مان بري

سرينگر (اي پي پي) غير قانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ جموں ڪشمير ۾ عدالت... بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ بيڙي اونڌي ٿيڻ سبب 10 ڄڻا فوت

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي رياست اتر پرديش ۾ جمعي ڏينهن هڪ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ 10 ڄڻا... بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران جي وفدن جي اسلام آباد ۾ آمد، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير پاران سندن پرجوش استقبال

پاڪستان آمريڪا ۽ ايران کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۾ ڪامياب، وزيراعظم سان نائب آمريڪي صدر ۽ ايران جي اعليٰ سطحي وفد جون ملاقاتون

وزيراعظم شهباز شريف سان آمريڪا جي نائب صدر جي ڊي وينس سان ملاقات ڪئي، صدر ٽرمپ جو وچ اوڀر لاءِ مقرر خاص نمائندو اسٽيو وٽڪوف ۽ آمريڪي صدر جو ناٺي جيرڊ ڪشنر به موجود هئا

هي ڳالهيون خطي ۾ جٽادار امن ڏانهن هڪ سنگ ميل ثابت ٿينديون، پاڪستان خطي ۾ پائيدار امن جي حاصلات لاءِ ٻنهي ڌرين جي اڳڀرائي ۾ پنهنجي سهولتڪاري جاري رکڻ جو خواهشمند آهي: وزيراعظم شهباز شريف

وزيراعظم شبهاز شريف سان ايران جي مجلس شوريٰ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف جي اڳواڻي ۾ ايراني وفد ملاقات ڪئي، پرڏيهي وزير عباس عراقچي به وفد ۾ شامل، وزيراعظم پاران امن ڳالهين لاءِ اچڻ تي وفد جي ساراهه

پاڪستان خطي ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي حاصلات لاءِ بامعنيٰ نتيجن تائين پهچڻ خاطر هڪ ذميوار ٿياڪڙ طور پنهنجو ڪردار جاري رکندو، جٽادار امن جي بحاليءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪريون ٿا: وزيراعظم

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف آمريڪا جي نائب صدر جي ڊي وينس سان ملاقات ڪئي آهي ملاقات ۾ آمريڪي نائب صدر سان گڏ صدر ٽرمپ جو وچ اوڀر لاءِ خاص نمائندو اسٽيو وٽڪوف ۽ آمريڪي صدر جو ناٺي جيرڊ ڪشنر به موجود هئا، جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار ۽ گهرو وزير سينيٽر... بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس هٿ ملائي رهيو آهي

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ايراني آئيني اسيمبلي جو اسپيڪر محمد باقر قاليباف هٿ ملائي رهيو آهي

چين ايران کي نئون فضائي دفاعي نظام فراهم ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو آهي: آمريڪي انٽيليجنس

بيجنگ نئين فضائي دفاعي نظام جي کيپ ٽئين ملڪ ذريعي موڪلڻ تي ڪم ڪري رهيو آهي: سي اين اين رپورٽ

اسان آمريڪي ڊر تي زور ڏيون ٿا ته اها بي بنياد الزام لڳائڻ، بدنيتي تي ٻڌل رابطا قائم ڪرڻ ۽ تجسس پکيڙڻ کان پاسو ڪري: چين سفارتخانو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي انٽيليجنس رپورٽ موجب چين ايندڙ ڪجهه هفتن ۾ ايران کي نئون فضائي دفاعي نظام فراهم ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو آهي سي اين اين جي رپورٽ موجب... بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان امن لاءِ موثر آواز بڻجي اڀريو آهي: دانيال چوڌري

سچو ڪريڊٽ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير ڏانهن وڃي ٿو

اڄ هر پاڪستاني ملڪ جي عالمي سطح تي وڌندڙ سڃاڻپ ۽ اثر رسوخ تي فخر ڪري سگهي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءِ واري پارليامانی سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان عالمي سطح تي امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ موثر فيصلائتو آواز بڻجي اڀريو آهي جنهن جو... بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ۽ گهرو وزير راڻي پور ۾ ڇنن ڄڻن جي قتل جو نوٽيس ورتو، واقعي جي رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ گهرو وزير گهرو وزير... بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهيون سڀ کان وڏي ڪاميابي آهي: بلاول ڀٽو

اهو ضروري آهي ته هن وقت جنگ بندي هجي، ايران ۽ وچ اوڀر جي وڏي حصي تي بمباري بند ٿي وئي آهي

اسان کي اميد آهي ته هي جنگ بندي موجوده تڪرار جي وڌيڪ پائيدار ۽ مستقل حل ڏانهن هڪ قدم آهي

جنگ جون تباهيون ڏٺيون آهن، جنهن ۾ نه رڳو انساني جانيون ضايع ٿيون آهن پر معاشي قيمت به ادا ڪرڻي پئي آهي

مان ايراني ۽ آمريڪي قيادت جو شڪريو ادا ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪي جنگ بندي تي متفق ٿيا ۽ ڳالهيون جاري رکيون: پ پ چيئرمين

اسلام آباد (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اسلام آباد ۾ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جاري ڳالهين کي وچ اوڀر ۾ جاري جنگ جي خاتمي جي ڪوشش ۾ هاڻي تائين... بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن پاران پاڪستان جي ٿياڪڙي ۾ ايران، آمريڪا ڳالهين جي آجيان

ڌريون سفارتي موقعي مان فائدو کڻن ۽ نيڪ نيتي سان هڪ پائيدار معاهدي طرف وڌن

انتونيو گوتريش ان ڳالهه کي ورجايو ته عالمي تڪرارن جو پرامن حل ڳالهين ۾ آهي: ترجمان

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش پاڪستان جي ٿياڪڙي ۾ ٿيندڙ آمريڪا ۽ ايران ڳالهين جي آجيان ڪئي آهي ڪشمير ميڊيا سروس موجب گڏيل قومن جي... بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

فاروق عبدالله پاران اولهه ايشيا ۾ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي تي اطمينان جو اظهار

سرينگر (اي پي پي) غير قانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ جموں ڪشمير ۾ نيشنل ڪانفرنس جي صدر ۽ اڳوڻي وڏي وزير فاروق عبدالله چيو آهي ته الله جو شڪر... بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي صحافين کي جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ سموريون سهولتون فراهم

ين سعودي عرب، جاپان، جرمني، ڪوريا سميت مختلف ملڪن مان صحافي آيا آهن

جناح ڪنوينشن سينٽر کان ريل زون ويجهو آهي، صحافي هتان اسانيءَ سان ڪوريج ڪري سگهن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءِ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ چيو آهي ته پرڏيهي صحافين کي جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ هڪ ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن ڪالهه... بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ڳالهيون هڪ اهم سفارتي اڳڀرائي آهن: احسن اقبال

پاڪستان امڪاني وڏي بحران کي ٽارڻ ۾ موثر ڪردار ادا ڪيو آهي

ڪجهه غير سنجيده بيانن جو مقصد امن ڪوششن کي نقصان پهچائڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته اسلام آباد ڳالهيون خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اهم سفارتي اڳڀرائي آهن جن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾... بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس پاران شهرن جي مستقل نگراني لاءِ فضائي نگراني شعبو قائم ڪرڻ جو فيصلو

آءِ جي شعبي جي قيام لاءِ سينيئر آفيسرن کان جامع ۽ قابل عمل سفارشون طلب ڪري ورتيون

شهرن، شاهراهن، ٽريفڪ، ريلوي ٽريڪن، هاءِ ويز ۽ ڪچي وارن علائقن جي مؤثر نگراني ڪئي ويندي

ڊجيٽل ۽ فضائي نگراني سان عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس شهرن، شاهراهن ٽريفڪ، ريلوي ٽريڪن هاءِ ويز ۽ ڪچي وارن علائقن جي مؤثر ۽ مستقل نگراني لاءِ "فضائي نگراني شعبي (Aerial Surveillance Division)" قائم ڪرڻ جو... بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

چين سان تعاون سنڌ ۾ سماجي ۽ اقتصادي ترقي کي هٿي ڏيڻ جو هڪ اهم موقعو آهي: وڏو وزير

اعليٰ سطحي اجلاس ۾ صدر آصف زرداري جي تازي چين جي دوري ڪانپوءِ طئي ٿيل يادداشتن جو جائزو ورتو

اجلاس ۾ ٽر ۾ ڪرڻلي مان گڏس ٺاهڻ ۽ يوريا جي پيداوار جي منصوبي تي پڻ غور ڪيو ويو

زراعت ۽ غذائي تحفظ لاءِ ڪنٽرولڊ ايگريڪلچر سائنس اينڊ ايجوڪيشن پارڪ جي قيام جي تجويز تي پڻ غور

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي صدر آصف علي زرداري جي تازي چين جي دوري ڪانپوءِ طئي ٿيل يادداشتن (ايم او يوز) جو... بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايران امريڪا ڳالهين جي موقعي تي ڪنوينشن سينٽر ۾ قائم ڪيل ميڊيا سيل تي ڏيهي ۽ پرڏيهي صحافي رپورٽنگ ڪري رهيا آهن

پاڪستان عالمي سفارتڪاري جي اهم مرڪز طور اڀري سامهون آيو آهي: حنيف عباسي

اسان جو ملڪ وچ اوڀر سميت خطي ۾ امن، استحڪام ۽ ڳالهين کي هٿي ڏئي رهيو آهي

پاڪستان عالمي سطح تي هڪ ذميوار، باوقار ۽ موثر ٿياڪڙ طور پنهنجي سڃاڻپ ڏاهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي قومي قيادت کي شاندار سفارتي ڪاميابين تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان هڪ دفعو ٻيهر عالمي سفارتڪاري جي اهم... بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، "ڪينگو گروهه" جا 3 جوابدار گرفتار، موبائل فون ۽ رقم هٿ

ڳجهي اطلاع تي پٺاڻ ڪالوني ۾ ڇاپو هڻي اسٽريٽ ڪرائمز ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدار جوابدار مختلف علائقن ۾ موبائل فونن، رقم ڦر ڪرڻ ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث آهن: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائمز خلاف اهم ڪارروائي ڪندي پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيه ڄاڻ جي بنياد تي پٺاڻ ڪالوني ۾ ڇاپو هڻي ڏڪيتين ۽ اسٽريٽ ڪرائمز ۾ ملوث "ڪينگو گروهه" جي... بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعي دوران سادو لباس پاتل پوليس اهلڪار زخمي، جوابدار فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيو ڪراچي سيڪٽر 15 بي ۾ فائرنگ جي واقعي دوران هڪ سادو لباس پاتل پوليس اهلڪار... بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس مقابلو، لياري گينگ وار جو اهم ڪارندو گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پوليس ڪارروايون دوران هڪ طرف خطرناڪ ڌاڙيل کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته ٻي... بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ايران جي سينٽرل بينڪ جو گورنر عبدالنصير همتي گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

صدر پاڪستان ٽنڊوالهيار پهچي غلام قادر مري جي پوئينرن سان تعزيت ڪئي

غلام قادر مري پارٽي جو سرمايو هو ۽ منهنجو پراڻو دوست هو: آصف علي زرداري

سندن پارٽي سان وفا ۽ عوامي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو: تعزيت بعد ڳالهيون

ٽنڊوالهيار (راجا ساجد خانزاده) صدر پاڪستان آصف علي زرداري ٻن ڏينهن جي دوري تي ٽنڊوالهيار پهتو آصف علي زرداري هيلي ڪاپٽر ذريعي ٽنڊوالهيار ويجهو بختاور هائوس پهتو آصف علي... بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿينديون: سيد يوسف رضا گيلاني

ديره غازي خان (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته دنيا جي سپر پاور آمريڪا ۽ ايران... بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس گم ٿيل 6 ڄڻن جو پتو لڳائڻ ورتو، رپورٽ عدالت ۾ جمع

گم ٿيل محمد آصف ۽ سميع الله، مجيد، جهانزيب گهر پهچي چڪا آهن: پوليس

گم ٿيل ريما پنهنجي مرضي سان ڪورٽ ۾ شادي ڪئي ۽ مسرت ايڪي هوو ۾ آهي: رپورٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ آئيني بينچ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت ڪيسن ۾ اهم اڳڀرائي پوليس 6 گم ٿيل ماڻهن جو سراغ لڳائي ورتو عدالت ۾ بيان جمشيد ٽائون ٿاڻي جي حدن سان... بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جنگ بندي تائين سفارتڪاري جو موثر ڪردار ادا ڪيو آهي: خرم شهزاد

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته پاڪستان بحران کان جنگ بندي تائين... بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تعليمي ادارن کي نشانو بڻائيندڙ خطرناڪ گينگ جا اهم جوابدار گرفتار

جوابدار رات جي وقت اسڪولن ۾ داخل ٿي قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويندا هئا

پوليس مختلف علائقن ۾ ڪيل وارداتن جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ حاصل ڪري ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس ڪارروائي ڪندي تعليمي ادارن کي نشانو بڻائيندڙ خطرناڪ گينگ جي اهم جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب جوابدار رات جي... بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب سعودي عرب جي ناڻي واري وزير کي رخصت ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات دير سان... بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايران امريڪا ڳالهين جي موقعي تي شهر جون بازارون بند نظر اچي رهيون آهن

ميرپورخاص ۾ شاگردياڻي جي مبينا خودڪشي واري واقعي جي جاچ جو حڪم

تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه واقعي جو نوٽيس وٺندي جاچ جو حڪم ڏنو

واقعي ۾ لاڳاپيل استاد کي فوري طور معطل ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردياڻي جي مبينا خودڪشي واري افسوسناڪ واقعي تي علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي واقعي جو نوٽيس وٺندي سنڌ جي تعليم واري وزير... بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان ايران جي مرڪزي بئنڪ جي گورنر ڊاڪٽر عبدالناصر همتي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان ايران جي مرڪزي بئنڪ جي گورنر ڊاڪٽر... بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب سعودي عرب جي ناڻي واري وزير کي رخصت ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات دير سان... بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي لاءِ مضبوط ۽ جديد فائر فائٽنگ نظام جي سخت ضرورت آهي: مرتضيٰ وهاب

انساني جانين ۽ ملڪيت جي تحفظ لاءِ انفراسٽرڪچر ۽ سهولتن ۾ مناسب سيڙپڪاري تي ڌيان ڏنو وڃي

سوڻي ڪاٺا هنگامي بنيادن تي ڪم ڪندي نتيجا ڏين، غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي هڪ ميگا سٽي آهي، جيڪو نه صرف گهڻي آبادي وارو شهر آهي پر پاڪستان جو معاشي مرڪز پڻ آهي، تنهن ڪري هتي هڪ مضبوط ۽ جديد فائر فائٽنگ نظام جي سخت ضرورت آهي تيزي سان وڌندڙ آبادي، اوچين عمارتن ۽ صنعتي سرگرمين ۾ واڌ جي پيش نظر هنگامي... بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

مهراڻ يونيورسٽي ملازمن طرفان ليواڪشمنٽ لاءِ ڊرائي انتظاميا جي رسنا روڪ

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽي جي پورهيت ملازمن طرفان عيد... بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ديره غازي خان: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سردار ذوالفقار کوسي جي لاڏاڻي تي سندس فرزندن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

ٽنڊوالهيار ۾ ڳڙهو شريف واسي جو بااثر پاران ڌمڪين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ڳڙهو شريف جو رهواسي امداد علي هاليپوٽو زرعي زمين تي قبضي... بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پ پ اڳواڻ نجيب جي 36هين ورسيءَ، ڀيٽا پيش

تقريب ۾ سنڌ حڪومت جا سينئر اڳواڻ سعيد غني، سينيٽر وقار مهدي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

شهيد نجيب احمد جهڙا بهادر نوجوان ئي ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي جا اصل علمبردار هئا: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن پاران اڄ پيپلز سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ شهيد شاگرد اڳواڻ ۽ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن (پي ايس ايف) جي ڪارڪن نجيب احمد جي 36هين... بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ماڻهو ٽي وي تي امريڪي نائب صدر جي آمد بابت خبرون ڏسي رهيا آهن

ڪمالديرو پرسان ارڙي جي وبا ۾ مبتلا ٻن سالن جو نينگر فوت

ڳوٺ محمد بچل گاڏهي ۾ ٻن ورهين جو ڪامران ولد پرويز گاڏهي فوت ٿي ويو

ساڳئي ڳوٺ ۾ وڌيڪ هڪ نينگر موذي مرض ۾ مبتلا، ڳوٺاڻن پاران ٽيمون موڪلڻ جو مطالبو

ڪمال ديرو(ن ع) ڪمالديرو پرسان ڳوٺ محمد بچل گاڏهي ۾ ارڙي جي وبا ۾ مبتلا ٻن سالن جو نينگر ڪامران ولد پرويز گاڏهي فوت جڏهن ته پنج سالن جو آڪاش گاڏهي جو علاج هلندڙ آهي ڳوٺاڻي سراج گاڏهي چيو ته ارڙي جي وبا ۾ منهنجو پنج سالن جو پٽ آڪاش گاڏهي پڻ زير... بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

مصر جو آمريڪا ايران جنگ بندي کي علائقائي امن لاءِ بنياد بڻائڻ تي زور

واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ تڪرارن جي حل لاءِ ڳالهين جي شروعات ضروري آهي: السيسي

آبناءِ هرمز کي عالمي جهاز راني لاءِ بنا رڪاوٽ کوليو وڃي: جارجيا ميلوني

قاهره (اي پي پي) مصر جي صدر عبدالفتاح السيسي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تازي جنگ بندي کي خطي ۾ وسيع امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ اهم موقعو قرار ڏيندي ان تي اڳتي وڌڻ جي ضرورت تي زور ڀريو... بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار ۾ عورت جو پٽ ۽ مڙس سان گڏجي ڀاءُ جي ظلمن خلاف احتجاج انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ امير محمد ڪاڪيپوٽو جي رهواسڻ پاران پٽ ۽ مڙس سان گڏ ڀاءُ جي ظلمن خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي... بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: ماڻهو هڪ سوزوڪي ۾ سٽ جي سفر ڪري رهيا آهن

ناسا جو آرٽيمس 2 مشن مڪمل، خلا بازن جي حفاظت سان واپسي

4خلا باز 10 ڏينهن چنڊ جي چوڌاري سفر ڪرڻ ڪانپوءِ زمين تي واپس اچي ويا

مشن دوران عملي مجموعي طور تي 11 لک 20 هزار ڪلوميٽر جو سفر طئي ڪيو

لاس اينجلس (اي پي پي) آمريڪي خلائي اداري ناسا جو آرٽيمس 2 مشن ڪاميابي سان مڪمل ٿي ويو جنهن ڪانپوءِ 4 خلا باز 10 ڏينهن چنڊ جي چوڌاري سفر ڪرڻ ڪانپوءِ حفاظت سان زمين تي واپس اچي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق اوريئن خلائي ڪيپسول جمعي جي شام مقامي وقت... بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪنڙي ۾ لوهاڻا برادري جي ڌرين ۾ منهن ماري بعد جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي، احتجاجي مظاهرا

پنچائت ۾ فيصلو هلڻ دوران هڪ ڌر جي ڌانهن تي پوليس نوجوان رام لوهاڻو کي گرفتار ڪري تشدد بعد آزاد ڪيو

واقعي خلاف وارثن ۽ پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر منصور باجوا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪيو

ٻنهي ڌرين جي احتجاج بعد چيئرمين مظاهرين وٽ پهچي انصاف جو يقين ڏياري ڌرڻو ختم ڪرايو

ڪنڙي(ن ع) ڪنڙي ۾ هندو لوهاڻا برادري جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار، منهن ماري جهيڙو وحشانو تشدد، ٻنهي ڌرين جا احتجاجي مظاهرا ڌرڻو ون فائيو انچارج تي به ميهڻا هڪ نوجوان رام لوهاڻو گرفتار معس... بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ سون کاڻ ۾ پاڻي ڀرجڻ سان 3 مزدور فوت

فوتين ۾ پيءُ ۽ پٽ به شامل، وڌيڪ ڪيترا مزدور کاڻ اندر ڦاٿل

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي صوبي بدخشان ۾ هڪ سون جي کاڻ ۾ اوچتو پاڻي ڀرجي وڃڻ سان 3 مزدور فوت ٿي ويا، جن ۾ پيءُ ۽ پٽ به شامل آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق صوبائي پوليس جي ترجمان احسان الله مطابق اهو واقعو شهري ضلعي بزرگ ۾ پيش آيو ترجمان ٻڌايو ته فوت... بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوڄام پوليس پاران مبينا مقابلي دوران 4 ڌاڙيلن کي مارڻ جي دعويٰ

ڳجهي اطلاع تي مسافر ڪوچ ڦريندڙن 7 جوابدارن سان قيصر لنڪ روڊ تي مقابلو ٿي پيو: پوليس

مقابلي دوران عبدالقدوس لاشاري، اسد بروزدار، عبدالجبار سبزوئي ۽ عرفان بليدي مارجي ويا ۽ سندن ساٿي فرار ٿي ويا

جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪيترائي ڪيس داخل آهن، وڌيڪ جاچ ڪري سندن فرار ٿيل ساٿين کي گرفتار ڪنداسين

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ۾ مبينا پوليس مقابلو مبينا ڪوچ ڦريندڙ چار جوابدار مارجي ويا. ڪي جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب پوليس پاران مارجي ويل جوابدارن جو ڏوهي ريڪارڊ پڌرو سوشل ميڊيا... بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

موري ۾ بي آءِ ايس پي جي سروي لاءِ آيل بيوهه عورت لتاڙجي فوت، وارثن جو احتجاجي مظاهرو

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ سروي لاءِ آيل سوني اوڏ عورتن جي ڀيڙن جي هيٺان لتاڙجي فوت ٿي وئي

وارثن صيفل، شبيران، بشير، ضمير، انوج، وڪرم، اويس، درشن اوڏ ۽ ٻين عورت جو لاش رکي ڌرڻو هنيو

سوني اوڏ هڪ هفتي کان سينٽر جا چڪر لڳائي رهي هئي، ڪيس اڄ عملي ڌڪا رش ۾ ڪرايو ته فوت ٿي وئي: مظاهرين

صوبائي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار بي آءِ ايس پي سنڌ جي ڊي جي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو جي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ سروي لاءِ آيل اقليتي اوڏ برادري جي غريب بيوهه عورت سوني اوڏ عملي پاران ڌڪا ڏئي هيٺ ڪيرائي چڙهيو جيڪا ٻين عورتن جي... بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ٿار بندرگاهن کي سعودي عرب سان ڳنڍڻ لاءِ ريل جا 5 لاجسٽڪ رستا شروع

رستا لاجسٽڪ حل جو پيڪيج آهن جيڪي سپلاءِ چينز جي ڪارڪردگي کي وڌائيندا

رياض (اي پي پي) سعودي ريلوي مال برداري جي شعبي ۾ 5 نوان لاجسٽڪ رستا شروع ڪري ڇڏيا آهن اهي رستا مختلف قسمن جو سامان منتقل ڪرڻ ۽ قومي سپلاءِ چينز کي فعال ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا. پرڏيهي ميڊيا مطابق سعودي ريلوي "سار" جي سي اي او ڊاڪٽر بشار المالڪ ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته اهي رستا لاجسٽڪ حل جو هڪ مربوط پيڪيج آهن... بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوڄام: مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل 4 ڄڻن جا لاش پيل آهن

ٽنڊوالهيار: صدر آصف زرداري غلام قادر مري جي ڀائرن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

خيرپور ويجهو جوٽيجا برادري جي ٻن گروپن ۾ پراڻي دشمني سبب فائرنگ ۾ عورت سميت 5 ڄڻا مارجي ويا، 3 زخمي

درازه شريف جي ويجهو ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ سائين داد، لال ڏنو جوٽيجو، نعمان سرڪي، پيار علي سرڪي ۽ سرور خاتون ٿلڏي تي دم ڏنو

واقعي جي اطلاع ملڻ شرط پوليس پهچي وئي ۽ مقتولن جا لاش ۽ زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر راڻي پور ۽ گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو

وڌيڪ تڪرار کي روڪڻ لاءِ علائقي ۾ وڏي انگ ۾ فورس مقرر ڪري صورتحال کي ڪنٽرول ۾ آندو آهي ۽ ڌرين کي پنهنجن گهرن تائين محدود ڪيو ويو آهي: پوليس

خيرپور/راڻيپور (نمائندن وٽان) خيرپور جي علائقي درازه شريف جي ويجهو ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جوٽيجا برادري جي ٻن گروپن وچ ۾ پراڻي دشمني سبب فائرنگ جنهن جي نتيجي ۾ عورت سميت 5 ڄڻا قتل ۽ 3 ڄڻا... بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڳوٺ وريو واهڻ ۾ آپريشن، پنج شڪي ماڻهو گرفتار

خيرپور: ٻي طرف راڻي پور ۽ گمبٽ پوليس... بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پاران ڏک جو اظهار

ڊي آءِ جي ۽ ڪمشنر کي مڪمل رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

خيرپور: ٻي طرف وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه خيرپور جي ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جوٽيجا برادريءَ جي قتل ٿيل ماڻهن تي... بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسان جي نوجوانن کي ڳولهي ڳولهي قتل ڪيو ويو آهي: متاثر

اگر انتظاميه وقت سر تحرڪ وٺي ها ته ايتري خون ريزي نه ٿي ها

خيرپور: مقتولين جو عورتون روئج راڙو ڪندي چيو آهي ته وڏو ظلم ڪيو ويو آهي ۽ اسان جي نوجوانن کي ڳولهي... بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

راڻيپور: دشمني تان مارجي ويلن جا لاش پيل آهن ٻي طرف پوليس آپريشن لاءِ وڃي رهي آهي

ٽالٽي بولاخان ۾ بيواهه عورت جو ڇهن نياڻين سان گڏجي بااثرن خلاف احتجاج

برڦت محلي جي رهواسڻ بيواهه رخسانه برڦت پنهنجي نياڻين سان گڏجي پريس ڪلب پهچي

پاڙيچي انور برڦت ۽ ٻين بااثر ماڻهن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

ٿاڻو بولاخان (ن ع) ٿاڻي بولاخان جي برڦت محلي جي رهواسڻ بيواهه رخسانه برڦت پنهنجي 4 نياڻين سان گڏجي پنهنجي... بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ جي اسپتال ۾ منڪي پاڪس بابت آگاهي ڊيسڪ قائم ڪئي وئي

سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ۾ عوام کي احتياطي تدبيرن بابت آگاهي

متاثر ماڻهن سان ويجهو رابطو ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي، صفائي جو خاص خيال رکيو وڃي: ڊاڪٽر

سيوهڻ(ن ع) منڪي پاڪس جهڙي... بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن جو گهرن تي پوليس چڙهائي ۽ بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج

بي سيڪشن پوليس ثناءالله ميمڻ جي ڪوڙي فرياد تي گهرن مان ڦرلٽ بعد گرفتاريون ڪيون آهن: مظاهرين

بااثر اسان جي 25 زمين تي هٿيارٻندن ذريعي قبضو ڪري پوليس کان گهرن تي چڙهائي ڪرائي آهي

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس وٺي ڦريل سامان ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪن

ٽنڊوالهيار رپورٽ: راجا ساجد خانزادو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بقايا	1	وفد جون ملاقاتون

سيد محسن رضا نقوي شامل هئا. وزيراعظم جي آفيس مان جاري ڪيل بيان موجب، ٻنهي وفدن جي تعميري انداز ۾ ڳالهه ٻولهه جي عزم کي ساراهيندي وزيراعظم اميد ظاهر ڪئي ته هي ڳالهيون خطي ۾ جتادار امن ڏانهن هڪ سنگ ميل ثابت ٿينديون وزيراعظم ان ڳالهه جو عزم ڪيو ته پاڪستان خطي ۾ پائيدار امن جي حاصلات لاءِ ٻنهي ڌرين جي اڳڀرائي ۾ پنهنجي سهولتڪاري جاري رکڻ جو خواهشمند آهي ان کان اڳ آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس جي قيادت ۾ اعليٰ سطحي وفد ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد پهتو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيف آف ڊفينس فورسز ۽ گهرو وزير آجيان ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي مطابق آمريڪي وفد اسلام آباد ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان پهتو آمريڪي وفد جي آجيان ڪندي نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار ڊگهي علائقائي ۽ عالمي امن ۽ استحڪام لاءِ آمريڪي ڪوشش کي ساراهيو. نائب وزيراعظم پاڪستان پاران تڪرار جي ڊگهي ۽ پائيدار حل لاءِ ڌرين لاءِ سهولتڪاري جاري رکڻ جي خواهش جو ورجاءُ ڪيو ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف اسلام آباد ڳالهين ۾ ايران جي شرڪت کي ساراهيندي ان عزم کي ورجايو ته پاڪستان خطي ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي حاصلات لاءِ بامعنيٰ نتيجن تائين پهچڻ خاطر هڪ ذميوار ڀائيواڙ طور پنهنجو ڪردار جاري رکندو ڪالهه وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ايراني مجلس شوريٰ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف جي اڳواڻي ۾ ايراني وفد ملاقات ڪئي اسلامي جمهوريه ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي به وفد ۾ شامل هو وزيراعظم اسلام آباد ڳالهين ۾ ايران جي شرڪت کي ساراهيندي ان عزم کي ورجايو ته پاڪستان خطي ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي حاصلات لاءِ بامعنيٰ نتيجن تائين پهچڻ خاطر هڪ ذميوار ڀائيواڙ طور پنهنجو ڪردار جاري رکندو ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار چيف آف آرمي اسٽاف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ گهرو معاملن وارو وفاقي وزير محسن رضا نقوي به موجود هئا.

بقايا	2	انٽيليجنس

آمريڪي انٽيليجنس جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته بيجنگ نئين فضائي دفاعي نظام جي کيپ ٽئين ملڪ ذريعي موڪلڻ تي ڪم ڪري رهيو آهي چين ڪلهي تي رکي هلائي ويندڙ جهاز کي نشانو بڻائيندڙ ميزائل سسٽم فراهم ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو آهي ان حوالي سان واشنگٽن ۾ چيني سفارتخاني جو چوڻ آهي ته چين ڪڏهن به تڪرار جي ڪنهن ڌر کي هٿيار فراهم ناهن ڪيا، آمريڪي لي ري تي بحث هيٺ چارڻ درست ناهي هڪ ذميوار وڏي رياست طور چين مسلسل پنهنجون عالمي ذميواريون پوريون ڪندو آهي چيني سفارتخاني موجب اسان آمريڪي ڌر تي زور ڏيون ٿا ته اها بي بنياد الزام لڳائڻ بدنيتي تي ٻڌل رابطا قائم ڪرڻ ۽ تجسس پکيڙڻ کان پاسو ڪري، اميد ته لاڳاپيل ڌر ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ وڌيڪ قدم کڻندي.

بقايا	3	دانيال چوڌري

سهرو گڏيل قيادت ۽ قومي استقامت ڏانهن وڃي ٿو ڪالهه پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته پاڪستان جو ثالثي اڪيلائي مان نڪري عالمي اهميت رکندڙ ملڪ طور اڀرڻ دراصل حوصلي جرئت ۽ اتحاد جي عڪاسي آهي جيڪو هڪ ذميوار ۽ بااثر علائقائي ڪردار طور پيش ڪري رهيو آهي هن ان جو ڪريڊٽ وزيراعظم محمد شهباز شريف، فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي قيادت کي ڏنو ۽ چيو ته انهن جي اسٽريٽجڪ بصيرت ۽ جامع حڪمت عملي ملڪ کي ڏکين چئلينجن مان ڪڍي عالمي سطح تي ان جي پوزيشن کي مستحڪم ڪيو پارلياماني سيڪريٽري آپريشن بنيان المرصوص جي ڪامياب تڪميل جو حوالو ڏيندي چيو ته ان سان پاڪستان جي عسڪري تياري ۽ عزم جو واضح پيغام ويو جيڪو قوم جي طاقت ۽ عزم جو اظهار آهي. هن چيو ته اسلام آباد جنهن کي ماضي ۾ محدود روشني ۾ ڏٺو ويندو هو هاڻي سفارتڪاري ۽ ڳالهين جو مرڪز بڻجندو پيو وڃي جتي عالمي سطح جي سرگرمين جي ميزباني ڪئي پئي وڃي ۽ علائقائي تعاون کي هٿي ڏني پئي وڃي. دانيال چوڌري چيو ته پاڪستان جون مسلسل ڪوششون ڪيس عالمي برادري ۾ هڪ باوقار ۽ نمايان مقام ڏيارڻ ۾ مدد ڏئي رهيون آهن جڏهن ته قيادت جو ڌيان امن استحڪام ۽ معاشي ترقي تي ٻڌل آهي. هن چيو ته اڄ هر پاڪستاني ملڪ جي عالمي سطح تي وڌندڙ سڃاڻپ ۽ اثر رسوخ تي فخر ڪري سگهي ٿو.

بقايا	4	رپورٽ طلب

ضياء الحسن لنجار ضلعي خيرپور جي راڻي پور ٿاڻي جي حد دراز شريف ۾ قبائلي جهيڙي دوران 4 ڄڻن جي قتل واري واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو. وزيراعليٰ سنڌ جوڻيجا برادري جي جهيڙي ۾ عورت سميت 4 انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. وزيراعليٰ ڪمشنر ۽ ڊي آءِ جي سکر کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، وزيراعليٰ سنڌ جي هدايت. وزيراعليٰ سنڌ علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ سيڪيورٽي وڌائڻ جون به هدايتون جاري ڪيون آهن. وزيراعليٰ سنڌ چيو آهي ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي.

بقايا	5	قائم ڪرڻ

اصولي فيصلو ڪري ورتو آهي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو شعبي جي قيام بابت سينيئر آفيسرن کان جامع ۽ قابل عمل سفارشون طلب ڪري ورتيون آهن. آءِ جي سنڌ جي هدايتن موجب مجوزه شعبي جي اسٽرڪچر ايس او پيز آپريشنل طريقيڪار ۽ تنظيمي ڍانچي جي تعين لاءِ سينيئر آفيسرن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي ويندي. سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ آءِ جي سنڌ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ڊي آءِ جيز هيڊڪوارٽرز اسٽيبلشمينٽ، آءِ ٽي ۽ اينڊ ڪي ڊي جي سيف سٽي اٿارٽي ۽ اي آءِ جيز شرڪت ڪئي جڏهن ته سکر ۽ لاڙڪاڻا جا ڊي آءِ جيز ۽ لاڳاپيل ايس ايس پيز وڊيو لنڪ ذريعي شامل ٿيا. اجلاس دوران ڊي آءِ جي آءِ ٽي طرفان فضائي نگراني جي موجوده نظام جديد ٽيڪنالاجي ڊرونز ۽ بين اوزارن جي استعمال تربيتي گهرجن ۽ متوقع فائدن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. شرڪت ڪندڙ آفيسرن پڻ پنهنجا تجربا، تجويزون ۽ ممڪن چئلينجن بابت خيالن جو اظهار ڪيو. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته فضائي ۽ ڊجيٽل نگراني جديد پوليسنگ جو اهم حصو ۽ مستقبل آهي. هن وڌيڪ چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ذريعي نگراني جو نظام نه رڳو آسان پر وڌيڪ مؤثر ۽ قابل اعتماد بڻجي ويندو. سنڌس چوڻ موجب شهري علائقن اهم شاهراهن ريلوي ٽريڪن هاءِ ويز ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ مستقل فضائي نگراني سان ڏوهن جي بروقت روڪٿام مشڪوڪ سرگرمين جي سڃاڻپ ۽ فوري ڪارروائي کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو. آءِ جي سنڌ وڌيڪ چيو ته ڊجيٽل ۽ فضائي نگراني سان ٽريفڪ مينيجمينٽ، هجوم تي ڪنٽرول، عوامي گڏجاڻين جي نگراني ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو. هن هدايت ڪئي ته مجوزه ڪميٽي شعبي جي قيام لاءِ سڀئي دستاويزي، فني ۽ تربيتي گهرجن تي مشتمل جامع سفارشون جلد پيش ڪري، جڏهن ته سڀني لاڳاپيل ڊي آءِ جيز خاص طور سکر ۽ لاڙڪاڻا آپريشنل ضرورتن موجب پنهنجون سفارشون ڪميٽي کي جمع ڪرائن.

بقايا	6	جوابدار فرار

زخمي ٿي پيو جڏهن ته جوابدار واقعي بعد فرار ٿي ويا. پوليس موجب زخمي اهلڪار جي سڃاڻپ ڪانسٽيبل عاصم طور ٿي آهي، جيڪو ٿاڻو جوهر آباد سان لاڳاپيل آهي. واقعي وقت هو پنهنجي دوستن سان گڏ هڪ چانهه جي هوٽل تي موجود هو. تفصيلن موجب موٽر سائيڪل تي سوار ٽن مشتبه ماڻهن پرياسي جي گهٽي مان گذرندي اهلڪار ۽ سندس ساٿين جي حرڪتن کي ڏسي شڪي ٿي ويا. جيئن ئي اهلڪار ۽ سندس دوست اٿي بيٺا ته جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني فائرنگ دوران هڪ گولي ڪانسٽيبل عاصم جي پيشاني کي ڇهندي گذري وئي جڏهن ته ٻيون گوليون ويجهي دڪانن جي شٽرن ۽ ٻين سان ٽڪرائجيون. زخمي اهلڪار کي فوري طور اسٽيڊيم روڊ تي واقع نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس حالت خطري کان ٻاهر ٻڌائي پئي وڃي پوليس موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ جاچ جاري آهي.

بقايا	7	ڪارندو گرفتار

طرف فائرنگ جي واقعي ۾ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيو. چاڪيواڙا پوليس مقابلو ڊسٽرڪٽ سٽي پوليس ساؤٿ زون جي ٿاڻو چاڪيواڙا جي حدن ۾ ٿيل پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار لياري گينگ وار جو انتهائي گهربل ڪارندو نڪتو. ايس ايس پي سٽي سيد علي حسن موجب جوابدار جو تعلق لياري گينگ وار جي بابا لاڏلا گروپ سان آهي. پوليس موجب جوابدار ڪيترن ئي سنگين ڪيسن پوليس مقابلن ۽ ڌوهارين سرگرمين ۾ ملوث رهيو آهي ۽ علائقي ۾ خوف ۽ دهشت ڦهلائڻ ۾ به شامل رهيو آهي. جوابدار هڪ عادي ۽ پيشاور اسٽريٽ ڪرمنل آهي. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ انيس عرف سنگهم طور ٿي آهي. جنهن وٽان هڪ پسٽل راؤنڊز سميت ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي. پوليس موجب جوابدار خلاف مختلف ٿاڻن ۾ ڪيترائي ڪيس داخل آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي. نيو ڪراچي فائرنگ واقعو ٻئي پاسي نيو ڪراچي بفر زون سيڪٽر 15 بي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ پوليس اهلڪار عاصم زخمي ٿي پيو. ايس ايس پي سينٽرل ڊاڪٽر عمران موجب واقعو هڪ چانهه جي هوٽل تي پيش آيو جتي جوهرآباد ٿاڻي ۾ مقرر اهلڪار پنهنجي دوستن سان ناشتو ڪري رهيو هو. پوليس موجب ڪي نامعلوم جوابدار ٻن موٽر سائيڪلن تي اچي پهتا، جيڪي ويجهي گهٽي ۾ وڃي واپس موٽيا. جڏهن هوٽل تي موجود ماڻهن حرڪت ڪئي ته جوابدارن کي شڪ ٿيو ته شايد کين پڪڙڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. جنهن تي هڪ جوابدار 30 بور پسٽل سان فائرنگ ڪري ڇڏي. فائرنگ دوران هڪ گولي ڪانسٽيبل عاصم جي مٿي کي ڇهندي گذري، جڏهن ته ٻيون گوليون دڪانن جي شٽرن ۽ ٻين سان لڳيون. جوابدار واقعي واري هنڌ تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. زخمي اهلڪار کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ خصوصي ٽيمون جوڙي ڇڏيون.

بقايا	8	سهولتون فراهم

پرڏيهي صحافين کي فراهم ڪيل سهولتن جي حوالي سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي سنڌ سماء واري وفاقي وزير چيو ته نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي اعلان موجب آمريڪا ۽ ايران جي صحافين لاءِ ويزا آن ارائيول هوندي هن چيو ته ڪوريج لاءِ سڄي دنيا مان صحافي پاڪستان پهچي رهيا آهن صحافين کي هڪ ئي ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن هن چيو ته 50 جي لڳ ڀڳ صحافي پاڪستان پهچي چڪا آهن چين، سعودي عرب، جاپان، جرمني، ڪوريا سميت مختلف ملڪن کان صحافين ويزا جون درخواستون ڏنيون آهن هن چيو ته سنڌ سماء واري وزارت جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ صحافين لاءِ هڪ ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون جن ۾ هاءِ اسپيڊ انٽرنيٽ ڪنيڪٽيويٽي، پرنٽنگ ڪمپيوٽرز شامل آهن جڏهن ته اسڪرينز به لڳايا ويا آهن صحافين کي ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ سموريون گهربل سهولتون هتي دستياب آهن هن چيو ته جناح ڪنوينشن سينٽر کان ريڊ زون ويجهو آهي صحافي هتان آسانيءَ سان ڪوريج ڪري سگهن ٿا، صحافين کي خصوصي ڪارڊ جاري ڪيا ويا آهن ۽ کين سموريون سهولتون هڪ ئي جاءِ تي فراهم ڪيون ويون آهن ته جيئن کين ڪوريج ۾ ڪا ڏکيائي پيش نه اچي وفاقي وزير چيو ته ڪوريج لاءِ ايندڙ پرڏيهي صحافين کي پليڪارڊ چئون ٿا.

بقايا	9	احسن اقبال

ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻي اسڪاني وڏي بحران کي ٽارڻ ۾ موثر ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪالهه ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ هن چيو ته ڪجهه پارٽي ميڊيا جي هن مثبت اڳڀرائي تي ناڪاري رد عمل افسوسناڪ آهي هن چيو ته اهڙي نازڪ حالتن ۾ ذميواراڻي طرز عمل جي گهرج هئي ته ان ڪوشش کي ساراهڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هي رڳو پاڪستان نه پر پوري خطي ۽ عالمي برادري جي مفاد ۾ هو هن واضح ڪيو ته جيڪڏهن اها ڇڪتاڻ وڌي ته ان جا اثر نه رڳو ڏکڻ ايشيا پر گلوبل ساؤٿ جي ملڪن تي به پوندا. جتي لکين ماڻهو بيروزگاري، مهانگائي بارڻ جي وڌندڙ قيمتن ۽ معاشي دٻاءُ جو شڪار ٿي سگهن ٿا. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان هميشه ذميوار رياست طور سفارتي ڳالهين ۽ امن کي ترجيح ڏني آهي ۽ عالمي سطح تي ان جي مثبت ڪردار کي تسليم ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته پاڪستان ڪنهن جي توثيق جو محتاج ناهي پر پنهنجي اصولي موقف ۽ عملي قدمن ذريعي دنيا ۾ پنهنجو مقام ٺاهي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه ڌرين طرفان غير سنجيده بيان ۽ بي بنياد تنقيد دراصل خطي ۾ امن جي ڪوشش کي نقصان پهچائڻ برابر آهي هن زور ڀريو ته وقت اچي ويو آهي ته علائقائي ملڪ جذباتي ٿيڻ بدران حقيقت پسندي ۽ گڏيل تعاون کي هٿي ڏين ته جيئن پائيدار امن ۽ گڏيل خوشحالي جو خواب حقيقت بڻجي سگهي.

بقايا	10	حنيف عباسي

مرڪز طور اڀري سامهون آيو آهي ڪالهه پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جاري رابطن ۾ پاڪستان تعميري ۽ فعال ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ان جي متوازن ۽ دانشمنداڻي پاليسي خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۾ مدد ڏني آهي هن چيو ته دنيا جو ڌيان هن وقت پاڪستان تي آهي ۽ اسلام آباد تيزي سان عالمي امن ڳالهين جو مرڪز بڻجندو پيو وڃي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان پاڻ کي هڪ قابل اعتماد ۽ موثر پل طور مڃرايو آهي جيڪو خطي ۾ امن استحڪام ۽ ڳالهين کي هٿي ڏئي رهيو آهي هن وزيراعظم شهباز شريف جي بصيرت انگيز قيادت کي ساراهيندي چيو ته ان سان پاڪستان جو عالمي وقار نمايان طور بلند ٿيو آهي ۽ ملڪ کي غير معمولي عالمي اعتماد حاصل ٿي رهيو آهي هن فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي حڪمت عملي کي به ساراهيو جنهن سان قومي سلامتي وڌيڪ مستحڪم ٿي ۽ علائقائي استحڪام کي هٿي ملي اهڙي طرح نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار جي موثر سفارتڪاري کي ساراهيندي هن چيو ته پاڪستان جي عالمي سڃاڻپ کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي هاڻوڪي اڳڀرائي جو حوالو ڏيندي هن چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ نمايان گهٽتائي پاڪستان جي ڪامياب ۽ متوازن پرڏيهي پاليسي جو نتيجو آهي هن چيو ته اسلام آباد ۾ اعليٰ سطح جي ڳالهين جو بندوبست عالمي برادري جو پاڪستان تي وڌندڙ اعتماد جو اظهار آهي هن چيو ته پاڪستان امڪاني ٽڪراءُ کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ عالمي سطح تي هڪ ذميوار باوقار ۽ موثر ڀائيواڙ طور پنهنجي سڃاڻپ ناهي آهي هن ان عزم کي ورجايو ته پاڪستان مستقبل ۾ به امن، ترقي ۽ علائقائي هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو.

بقايا	11	فون ۽ رقم هٿ

ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن ۾ مزمل شاهه ولد عزت علي، صابر رحمان ولد حبيب الرحمان ۽ ڪريم الله عرف لالا ولد حاجي محمد شامل آهن. جوابدارن جي قبضي مان 3 موبائل فون ۽ روڪ رقم به هٿ ڪئي وئي آهي. رينجرز ترجمان موجب جوابدار ڪراچي جي مختلف علائقن بلديه ٽائون اورنگي ٽائون سائٽ ايريا، اتحاد ٽائون ۽ منگهوپير ۾ هٿيارن جي زور تي 300 کان 400 ڏائين موبائل فون، موٽر سائيڪلون ۽ نقدي ڦرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن. جاچ دوران جوابدار ڪريم الله عرف لالا انڪشاف ڪيو ته هن اڪيلي رمضان المبارڪ دوران لڳ ڀڳ 30 موبائل فون ڦريا. جڏهن ته مزمل شاهه گروهه جو اهم ڪارڪن آهي جيڪو پٺي پارڪ واري علائقي ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ اهلڪار کي زخمي ڪرڻ واري واقعي ۾ به ملوث آهي جنهن جا سي سي ٽي وي ثبوت پڻ موجود آهن. پوليس موجب جوابدار صابر رحمان ڦريل موبائل فونن جي خريد ۽ وڪري ۾ ملوث رهيو آهي. گرفتار جوابدارن جا به ساٿي اڳ ئي جيل ۾ آهن، جڏهن ته ٻين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن. جوابدارن خلاف ڪراچي جي مختلف ٿاڻن ۾ ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آهن کين وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي. رينجرز عوام کان اپيل ڪئي آهي ته ڌوهارين جي نشاندهي لاءِ ويجهي رينجرز چوڪي هيلپ لائين 1101 يا واٽس ايپ نمبر 03479001111 تي اطلاع ڏين. اطلاع ڏيندڙ جو نالو ڳجهو رکيو ويندو.

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

MANAGEMENT TRAINEE PROGRAM

OGDC values a dynamic workforce made up of talent from varied backgrounds, perspectives, and disciplines. We are committed to fostering an environment where individuals feel respected, supported, and empowered to contribute their best.

Applications are invited from fresh graduates for our one-year intensive Management Trainee Program, offering an exciting opportunity to begin a career in Pakistan's leading Company across the following disciplines:

- Bachelor of Engineering (04 years' degree recognized by HEC/PEC) (Petroleum & Gas/ Chemical/ Mechanical/ Mechatronics/ Electrical/ Electronics/ Civil/ Computer/ System/ Environmental)
- Bachelor's/ Master's degree in Management Sciences (HR, Accounting & Finance, Commerce, Marketing, Public Administration, Business Administration, Economics and Supply Chain Management)/ Environmental Sciences/ Social Sciences/ Law/ Media Studies/ Geology/ Geophysics/ Computer Science/ Chemistry) (16 years of education)

ELIGIBILITY CRITERIA:

- Age Limit: 26 years
- CGPA | 2.50 (in requisite degree as specified above)
- 1st Division (60% & above) where CGPA is not applicable
- The enrollment / selection shall stand null & void if a candidate is found ineligible at any stage as per the advertisement

GENERAL INSTRUCTIONS:

i. Only those candidates shall be entertained whose final result has been announced on or before **June 30, 2026**.
ii. Applicants with foreign academic qualifications must furnish Equivalence certificate of 16 or 18 years, if selected.
iii. The trainee(s) will undergo comprehensive training program during one-year period.
iv. No TA/DA will be admissible for appearing in test/interview.
v. Written test will be conducted by IBA Karachi at their specified centers only.
vi. Full time contract employment in the Company will be offered upon successful completion of training program evaluated on the basis of performance.
vii. Eligible candidates must visit IBA website (**https://admissions.iba.edu.pk/mto-ogdcl-2026.php**) to apply and generate fee voucher to pay the processing fee (non-refundable/non-transferable) amounting to Rs. 3,000/- in any branch of Meezan Bank Limited.

HOW TO APPLY:

- Interested candidates may submit the online application on the prescribed proforma available at (**https://admissions.iba.edu.pk/mto-ogdcl-2026.php**)The deadline for online submission of applications is **Monday 27th April 2026**. Incomplete or improperly filled application forms or by hand submissions will not be entertained.
- Active Contact information (i.e. Email Address & Cell Number) is a mandatory requirement
- For further information, please contact at **ext_testing@iba.edu.pk** or call **021-38104700 Ext. 2370 / 2377 / 2380**.

CHIEF HR OFFICER (RECRUITMENT)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3544

ogdcl.com

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

سنڌي ايڊيشن
انچارج :مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 12 اپريل 2026ع

اسلام آباد جي فضائن ۾ عالمي امن جي اُميد

فيضان احمد

ايران ۽ آمريڪا چاليهن ڏينهن جي جنگ بعد نيٺ ڳالهين جي ميز تي اچي ويا آهن. خاص طور تي اهڙي وقت جڏهن ڪجهه ڏينهن اڳ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هرمز ساموندي لنگهه کولرائڻ وارين سمورين ڪوششن باوجود ڪامياب نه ٿيو ۽ ايران کي مڪمل طور ختم ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. جنهن ۾ پڻ کيس ڪاميابي نه ٿي ته هن پنهنجي ڌمڪيءَ تي عمل لاءِ ڏنل مهلت کان ڏيڍ ڪلاڪ اڳ اعلان ڪيو ته ايران سان ٻن هفتن جي جنگبندي تي اتفاق ٿيو آهي ۽ اها اڳڀرائي پاڪستان جي سول ۽ ملٽري قيادت جي اپيل تي ٿي آهي.

بهرحال! پاڪستان کي اهو ڪريڊٽ حاصل ٿيو ته ان جي سفارتي ڪوششن نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ايران ٻن هفتن جي جنگبنديءَ تي راضي ٿيا ۽ دنيا ۾ وڌندڙ بيچيني به گهٽ ٿي. جنگبنديءَ لاءِ طئه ٿيل شرطن مطابق ايران هرمز ساموندي واري لنگهه کي محدود سطح کوليو آهي. جڏهن ته هن سمنڊ ۾ وڇايل بارودي سرنگهن جو اطلاع ڏيندي روزانو 10 کن جهازن کي مخصوص نموني گذرڻ جي اجازت ڏيڻ شروع ڪئي آهي. تڪرار جي مستقل حل لاءِ آمريڪا ۽

آهن آمريڪا جو بنيادي مطالبو آهي ته ايران حوثي باغين، حزب الله جهڙن هٿياربند ويڙهاڪ گروپن جي حمايت ۽ مدد بند ڪري ۽ پنهنجي فوجي صلاحيتن، خاص طور تي ميزائل پروگرام کي محدود ڪري جيتوڻيڪ اهي مطالبا ايران لاءِ سخت آهن. پر اصل مسئلو ايٽمي پروگرام تي اچي بيهي ٿو ماهرن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ايران پنهنجو رچايل يورينيم انٽرنيشنل ايٽامڪ انرجي ايجنسي جي نگراني هيٺ ڏئي ان کي "نارڻ" تي راضي ٿي وڃي، ته ڇڪتاڻ ختم ٿيڻ جو حقيقي رستو نڪري سگهي ٿو تازي تڪرار دوران اسرائيل جو امڪاني منصوبو اهو هو ته عرب ملڪن کي هن جنگ ۾ شامل ڪري مسلمان ملڪن کي پاڻ ۾ ويڙهايو وڃي ۽ "گريٽر اسرائيل" جي خواب کي اڳتي وڌايو وڃي پر نار وارن ملڪن، خاص طور تي سعودي عرب، انتهائي صبر، وقار ۽ سياسي پختگيءَ جو مظاهرو ڪيو عرب قيادت واضح ڪري

وينس ۽ قاليباف اسلام آباد ۾ نيئن تاريخ رقم ڪري سگهن ٿا!

سنڌي ڊيسڪ

سموري دنيا جو ڌيان هن وقت اسلام آباد تي آهي، جتي آمريڪا ۽ ايران ۾ سڌيءَ ريت ڳالهيون ٿي رهيون آهن. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ۽ ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف جي سربراهيءَ ۾ اهي ڳالهيون هڪ نئين تاريخ رقم ڪري سگهن ٿيون، ڇاڪاڻ ته 1979 جي اسلامي انقلاب کان پوءِ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ اعليٰ سطح تي سڌيءَ ريت اهي پهريون ڳالهيون آهن.
ايران جي انقلاب بعد ٻنهي ملڪن وچ ۾ نه رڳو ويجها لاڳاپا ختم ٿي ويا هئا، پر اعتماد جو به هڪ تمام وڏو خال پيدا ٿي ويو هو. جيڪو اڄ تائين برقرار آهي. جنهن ڪيترائي ڏهاڪا سفارتي لاڳاپن، ڳالهين ۽ عالمي سياست تي اثر وڌا آهن.
ڳالهيون ڪهڙي ماحول ۾ ٿين ٿيون ۽ ڪيتري اڳڀرائي ٿئي ٿي، اهو سڀ پنهنجي جاءِ تي، پر اهو ضرور ٿيو آهي ته ٻئي ڌريون گهٽ ۾ گهٽ اها ڪوشش ڪري رهيون آهن ته دنيا تي اثرانداز ٿيندڙ ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌڻ کان روڪي ۽ ڪنهن ممڪن سفارتي رستي ڏانهن اڳڀرائي ڪئي وڃي.
عالمي خبرو ادارن موجب ٻن هفتن تي ٻڌل هن ڪمزور جنگ بنديءَ دوران ڪنهن وڏي 'امن معاهدي' جو امڪان گهٽ آهي، جنهنجون ڇڪتاڻون شروعات کان ئي ٿينديون رهيون ۽ جنهن جي اعلان ٿيڻ شرط ئي ان جي شرطن تي اختلاف سامهون آيا ۽ ان جي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ به ڇڪتاڻون جاري رهيون.
ان دوران

سمجهيو ويندو هو پر ٽرمپ ان کي "تاريخ جو بدترين معاهدو" قرار ڏنو هو.
معاهدي تائين پهچڻ لاءِ آمريڪي پرڏيهي وزير جان ڪيري ۽ ايراني پرڏيهي وزير محمد جواد ظريف لڳ ڀڳ 18 مهينا مرحليوار محنت ڪئي هئي. ان سڄي عمل دوران ڪڏهن اڳڀرائي ٿي ته ڪڏهن رنڊڪون به سامهون آيون هيون. ان بعد صدر جو بائيڊن جي دور ۾ به سفارتي ڪوششون ٿيون، پر ڪا خاص اڳڀرائي نه ٿي سگهي، ۽ پوءِ صدر ٽرمپ هڪ طرفو قدم کڻي ان معاهدي تان هٽ کڻي ويو. جيڪڏهن اهو معاهدو ٿي وڃي ها ته ايران تان پابنديون هٽي وڃن ها ۽ آمريڪا جي بئنڪ ۾ ان جا روڪيل 79 ارب ڊالر ان کي واپس ملي وڃن ها، پر اسرائيلي لابيءَ کي اهو منظور نه هو ته ايران کي ان جو جائز حق ملي.
ايران جي ايٽمي معاملي ۽ آمريڪا سان سندس لاڳاپن سميت هن سڄي عمل جي مختلف مرحلن جو ڪيترن ئي سالن کان جائزو وٺندڙ انٽرنيشنل ڪرائسس گروپ سان لاڳاپيل علي واعظ مطابق هن ڀيري جيڪي ڳالهيون ٿي رهيون آهن، انهن ۾ ڌرين جي وڌيڪ اعليٰ سطحي عملدارن جي شموليت ۽ وڏن سياسي خطرن سبب اهڙا امڪان پيدا ٿي سگهن

صدارتي دور ۾ ويجهن صلاحڪارن مان هو. ان دور ۾ ابراهيمي معاهدن ذريعي اسرائيل ۽ ڪجهه عرب ملڪن وچ ۾ لاڳاپا معمول تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، جڏهن ته فلسطين جو مسئلو ڪنهن حد تائين نظرانداز رهيو.
ٻئي طرف ايران انهن آمريڪي نمائندن وٽڪوف ۽ ڪشنر کي اسرائيل جي تمام ويجهو سمجهي ٿو. تنهن ڪري هو سڌي ريت اعليٰ سطحي رابطن تي زور ڏيندو رهيو آهي، خاص طور تي آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس سان، جيڪو آمريڪي حڪومت ۾ باقاعده نائب صدر آهي ۽ ايران خلاف فوجي پاليسيءَ تي تنقيد ڪندڙن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي.
انهيءَ دوران ايران پنهنجي ڳالهين واري طريقي ۾ به تبديلي آندي آهي ۽ هاڻي هو ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته گهڻيون ڳالهيون ڪنهن ٻئي جي وسيلي ۽ اعتماد جوڳي

کان پوءِ پيهر ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ سمورين ڌرين لاءِ سلامتي واري صورتحال وڌيڪ ڏکي ٿي وئي. ايران اندر به سخت گير حلقا هاڻي دفاعي حڪمت عملي، بيلسٽڪ ميزائل پروگرام ۽ هرمز پٽراهه تي ضابطو برقرار رکڻ تي زور ڏئي رهيا آهن. نار وارين رياستون به هاڻي اهو مطالبو ڪري رهيون آهن ته ايران جي ميزائل پروگرام کي به ڳالهين ۾ شامل ڪيو

ڪاشف باغي جا قاتل مهينو گذرڻ باوجود گرفتار نه ٿيا، حيدرآباد ۾ علامتي بک هڙتال

پونم پيٽرول پمپ پرسان واقع سنڌ اپارٽمينٽ جي فليٽ ۾ گولي هڻي قتل ڪيل ڪاشف باغي جا قاتل مهينو گذرڻ باوجود پوليس گرفتار نه ڪري سگهي

ڪاشف باغي جو قتل ڪيس ٻن نامزد جوابدارن سميت چڻن چڻن خلاف داخل آهي پر پوليس ڪارروائي نٿي ڪري: آصف قائم خاني

ڪيس ۾ نامزد جوابدارن وليد فاروقي ۽ بلدار آفاق کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي ته نه احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

17 اپريل تي سموري سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرين جو اعلان

هاري ٽيننسي ايڪٽ کي بحال ڪرڻ ۽ هاري ڪارڻ مان زمين جي مالڪي وارو شرط ختم ڪرڻ جي گهر

روومين ايڪشن فورم جو ميرپورخاص شاگرديائي جي مبينا آپگهات تي ڏک جو اظهار

هي واقعو تعليمي ادارن ۾ هراسمينٽ، ذهني دٻاءُ ۽ غير محفوظ ماحول جي نشاندهي ڪري ٿو

واقعي جي فوري، شفاف ۽ آزاد جاچ ڪرائي وڃي، ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪوٽ غلام محمد ۾ فهميده لغاري جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊاڪٽر افتخار لغاري موهن لال جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

جيڪڏهن فهميده لغاري کي انصاف نه مليو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: افتخار لغاري

ڪوٽ غلام محمد فهميده لغاري جي خودڪشي واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو غلام حيدر لڳ ڳوٺ قاضي احمد پاڻيڻ تي هٿياربندن جي چڙهائي

صحافي قاضي شمس جي گهر پاتين تي حملن ۾ 2 عورتن سميت 9 زخمي

7 مردن کي ٽنڊو غلام حيدر اسپتال انتظاميه، حيدرآباد سول اسپتال ريفر ڪري ڇڏيو

پاڪستان پيراميڊيڪل اسٽاف

يونٽ لمس حيدرآباد جي ۾

سالا چونڊن جو شيڊول پڌرو

نظير راهو پاران شهمير راهو ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو

مٽياري ۽ ضلع شهيد بينظيرآباد جي سوين نوجوانن رت جو عطيو ڏنو

ٻارڙن جي زندگي بچائڻ لاءِ هر ڇهين مهيني بلڊ ڊونيشن ڪيمپ قائم ڪئي ويندي: نظير راهو

رٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر

مينهل خان قلپوڙو 65 ورهين

جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو

خيرپور پوليس جي شاندار ڪارروائي، 02 ڌوهاري گرفتار

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاولپر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 12 اپريل 2026ع

اسلام آباد امن ڳالهيون: ڇا عالمي سطح تي نوان در کُلندا!

هيءَ ستون لکڻ وقت خبر رپورٽ ٿي آهي تہ اسلام آباد اهم سفارتي مرڪز طور سامهون آيو آهي جتي آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس جي اڳواڻيءَ ۾ آمريڪي وفد ۽ ايران جو اعليٰ سطحي وفد اهم ڳالهين لاءِ پهتل آهن اڄوڪو اجلاس عام ملاقات ناهي پر اهڙو اهم مرحلو آهي جيڪو نہ صرف وچ اوڀر ۾ سڄي دنيا جي سياسي معاشي ۽ سلامتيءَ جي صورتحال تي گهرو اثر ڇڏي سگهي ٿو اهڙي ماحول ۾ پاڪستان جو ڪردار هڪ ذميوار ۽ بااعتماد ثالث طور سامهون آيو آهي جيڪو وڏي سفارتي ڪاميابيءَ طور ڏٺو پيو وڃي. آمريڪي وفد جي اسلام آباد آمد وقت، جيڪو گرمجوشيءَ وارو استقبال ڏسڻ ۾ آيو ان مان صاف ظاهر ٿي رهيو آهي تہ پاڪستان هن عمل کي ڪيتري اهميت ڏئي رهيو آهي. اسحاق ڊار، فيلڊ مارشل جنرل سيد عاصم منير ۽ گهرو وزير محسن نقوي جهڙن اهم اڳواڻن جي موجودگي ان ڳالهہ کي وڌيڪ نمايان ڪري ٿي تہ رياست جا سڀئي ادارا هن حساس مرحلي کي گڏجي سنڀالڻ لاءِ تيار آهن ٻئي طرف ايران جو 71 رڪني وفد، جنهن جي اڳواڻي ايران جو پرڏيهي وزير عباس عراقچي ڪري رهيو آهي ۽ جنهن ۾ عباس عراقچيءَ جهڙا اهم اڳواڻ شامل آهن ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اهي ڳالهيون انتهائي سنجيده، پيچيده ۽ گهڻ رخي نوعيت جون آهن.

ايراني وفد ۾ رڳو ڳالهين ڪندڙ نہ پر ٽيڪنيڪل ماهر، مشاورتي ڪاميٽيون، ايراني جو سلامتي عملو ۽ ميڊيا جا نمائندا پڻ شامل آهن جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هر نقطي تي فوري صلاح مشوري ۽ حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ مڪمل تياري ڪئي وئي آهي. اهڙي قسم جي جامع نمائندگي عام طور تي انهن ڳالهين ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي جيڪي رڳو ٻطرفيون نہ پر گهڻ طرفي اثر رکندڙ هجن. اها حقيقت ڪنهن کان ڳجهي ناهي تہ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ گذريل ڪيترن سالن کان عالمي سياست جو اهم موضوع رهي آهي. خاص طور تي ايران جو جوهري پروگرام، علائقائي اثر رسوخ ۽ دفاعي صلاحيتون اهڙا معاملا آهن جيڪي آمريڪا لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻيل آهن ان حوالي سان ٽرمپ انتظاميا پاران پيش ڪيل 15 نقاطي تجويزون، جنهن ۾ ايران کان جوهري هٿيار نہ ٺاهڻ جي يقين دهاني، افزوده يورينيم جي حوالگي، دفاعي صلاحيتن تي پابنديون ۽ آبناءِ هرمز کي ٻيهر کولڻ جهڙا اهم شرط شامل آهن جيڪي عالمي سطح تي بحث جو مرڪز بڻيل آهن. آبناءِ هرمز جي اهميت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ اهو سامونڊي رستو دنيا ۾ تيل جي فراهميءَ لاءِ اهم ترين آهي. جيڪڏهن اهو بند ٿئي ٿو تہ نہ صرف وچ اوڀر پر يورپ، ايشيا ۽ ٻين علائقن جي معيشت بہ متاثر ٿئي ٿي، تنهنڪري انهن ڳالهين جي ڪاميابي يا ناڪامي سڌي طرح عالمي مارڪيٽن، تيل جي قيمتن ۽ اقتصادي استحڪام سان ڳنڍيل آهي.

ان حوالي سان ملڪ جي سياسي ۽ عسڪري قيادت جو چوڻ آهي تہ پاڪستان لاءِ اڄوڪو ڏينهن هڪ وڏو سفارتي موقعو آهي ۽ آمريڪي نائب صدر وچ ۾ ٿيل ملاقات ۾ جنهن نموني تعميري ڳالهين جي عزم کي ساراهيو ويو اهو پاڪستان جي مثبت ۽ متوازن پاليسيءَ جو چٽو عڪس آهي. پاڪستان جو اهو موقف آهي تہ هو ٻنهي ڌرين وچ ۾ سهولتڪاري جاري رکندو اصل ۾ ان جي امن پسند سوچ ۽ خطي ۾ استحڪام لاءِ ڪوشش جو ثبوت آهي. تنهن هوندي بہ انهن ڳالهين جي ڪاميابيءَ لاءِ وڏيون رڪاوٽون بہ موجود آهن. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ بي اعتمادي، ماضيءَ جا تڪرار، پابنديون ۽ علائقائي سياست جا پيچيده پاسا ڪنهن بہ وقت اڳڀرائيءَ کي سست ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن ٻئي ڌريون لچڪ، برداشت ۽ سنجيدگيءَ جو مظاهرو نٿيون ڪن تہ هيءُ اهم موقعو بہ شايد ضايع ٿي وڃي. اسان سمجهون ٿا تہ اسلام آباد ۾ ٿيندڙ اڄوڪو اجلاس صرف سفارتي سرگرمي ناهي پر تاريخ جو اهو موڙ آهي، جتي امن ۽ حق جو ساٿ ڏيڻ وارن ۾ پاڪستان جو نالو نمايان ڪري لکيو ويندو. بهرحال جيڪڏهن اڄوڪيون ڳالهيون ڪامياب ٿين ٿيون تہ وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ گهٽجندي پر عالمي سطح تي امن، استحڪام ۽ اقتصادي بهتريءَ لاءِ نوان در کلندا. جنهن ڪري اڄ سڄي دنيا جون نظرون اسلام آباد تي کتل آهن جتي اميد، خدشا ۽ مستقبل جا فيصلا ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن.

پاڪ-يو اي اِي لاڳاپا!


اشتياق بيگ

آئون هيءُ ڪالم دبئيءَ مان لکي رهيو آهيان عام طرح تہ منهنجو هر مهيني ڪم جي سلسلي ۾ يو اي اِي اچڻ وڃڻ ٿيندو رهي ٿو پر ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا جنگ دوران هيءُ منهنجو پهريون دورو آهي. وچ اوڀر جي اها جنگ، جنهن سبب جيڪي حالتون خراب ٿيون، تنهن جو سڀ کان وڌيڪ اثر نار ملڪن تي پيو. خاص ڪري يو اي اِي ۽ دبئيءَ تي. دبئيءَ جي سڃاڻپ هميشہ ان جي مصروف ايئرپورٽ، گهمڻ ڦرڻ وارن هنڌن ۽ وڏن شاپنگ مالز سان رهي آهي پر اڄڪلهہ حالتون اهڙيون نظر آيون جو اِهي سڀ شعبا لڳ ڀڳ بيهجي ويا هئا. فلائيٽون رد ٿي ويون، فضائي حدون بند ٿيون ۽ سيڪيورٽيءَ جو دٻاءُ وڌي ويو، جنهن ڪري پرڏيهي سياحن هتي اچڻ ئي بند ڪري ڇڏيو. ايران طرفان ميزائل ۽ ڊرون حملن سبب نہ رڳو ماڻهو مارجي ويا آهن پر شهر جي عمارتن ۽ سهولتن کي بہ نقصان پهتو آهي. دبئي ۾ رهندڙن جو وڏو حصو پرڏيهين تي ٻڌل آهي پر خوف سبب ڪيترائي ماڻهو شهر ڇڏي هليا ويا آهن. هاڻي روڊ خالي لڳن ٿا، شاپنگ مالز ۽ هوٽل سُڃا پيا آهن. دبئي جي معيشت جيڪا سياحت، واپار ۽ سروسز تي هلي ٿي اها سخت دٻاءُ ۾ اچي وئي آهي. آبناءِ هرمز جي بند ٿيڻ سبب سامان جي اچ وڃ بہ متاثر ٿي آهي، جنهن ڪري واپار ۽ ڪاروبار بہ سست ٿي ويا آهن. جڏهن آئون دبئي ايئرپورٽ تي لٿس تہ اهو ايئرپورٽ، جيڪو اڳ تمام گهڻو رش وارو هوندو هو، هاڻي بلڪل سُڃو لڳو. شاپنگ مالز ۾ بہ ماڻهو تمام گهٽ هئا ۽ ملڪيت (پراپرٽي) جنهن جون قيمتون آسمان تي پهتل آهن، هاڻي ان جا خريدار بہ ناهن رهيا. پاڪستانين بابت چيو ويندو هو تہ هنن دبئيءَ جي رئيل اسٽيٽ ۾ اربين ڊالر لڳايا آهن. دبئي ۾ رهڻ دوران منهنجي ڪجهہ وڏن پاڪستاني ڊولپرز سان ملاقات ٿي، جيڪي موجوده حالتن سبب گهڻو پريشان نظر آيا. ڪجهہ خوشنصيب پاڪستاني، جن جا پئسا دبئي جي بينڪن ۾ هئا، اهي هاڻي پنهنجو سرمايو واپس پاڪستان موڪلي رهيا آهن. هو ڊڄن ٿا تہ ڪٿي بعد ۾ پاڪستان ۾ انهن کان سوال نہ ڪيا وڃن. تنهنڪري هو بئنڪن بدران غير رسمي ذريعن سان پئسا موڪلڻ کي ترجيح ڏئي رهيا آهن. حڪومت کي صلاح ڏجي ٿي تہ نار ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستانين لاءِ ڪا اهڙي اسڪيم آڻي، جنهن سان هو آسانيءَ سان پنهنجو پئسو پاڪستان واپس آڻي سگهن. جيڪڏهن حڪومت اهڙو قدم کڻي ٿي تہ اندازاً 4 کان 5 ارب ڊالر قانوني طريقي سان ملڪ ۾ اچي سگهن ٿا.

پاڪستان ۾ اهڙيون ڳالهيون هلي رهيون آهن تہ يو اي اِي، ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۾ ڇڪتاڻ سبب، پاڪستان وٽ رکيل پنهنجا 3.5 ارب ڊالر واپس گهري ورتا آهن اهي پئسا ڪيترن سالن کان اسٽيٽ بئنڪ ۾ رکيل هئا ۽ پاڪستان حڪومت يو اي اِي کي انهن تي 6 سيڪڙو وياج بہ ڏيندي رهي آهي. پر پاڪستاني حڪومت جو چوڻ آهي تہ هيءُ ڊپوزٽ واپس وٺڻ ڪا غير معمولي ڳالهہ ناهي، اِهو بس عام ڪارروائيءَ جو حصو آهي. تنهن هوندي بہ اِها ڳالهہ صاف آهي تہ وچ اوڀر جنگ سبب يو اي اِي ۽ پاڪستان جي لاڳاپن ۾ ٿوري سرد مهري ڏسڻ ۾ آئي آهي. يو اي اِي کي پاڪستان بابت خدشا آهن تہ جنگ ۾ پاڪستان، سعودي عرب ۽ ايران ٽنهي سان گڏ بيٺل آهي ۽ خاص ڪري ايران جي حمايت ڪندي نظر اچي رهيو آهي، جيڪا ڳالهہ يو اي اِي کي پسند نہ آئي هوندي. ٻئي طرف پاڪستان ۾ بہ اِهو خيال آهي تہ يو اي اِي، اسرائيل جي طرف آهي ۽ ڀارت يو اي اِي کي پاڪستان خلاف استعمال ڪري رهيو آهي. حالات وڌيڪ تڏهن خراب ٿيا، جڏهن يو اي اِي گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ اها تجويز پيش ڪئي تہ آبناءِ هرمز کي کولڻ لاءِ طاقت استعمال ڪئي وڃي ۽ ان لاءِ هو مغربي ملڪن سان گڏ بيهڻ لاءِ تيار آهي. پر پاڪستان ۽ چين ان تجويز جي مخالفت ڪئي، جنهن تي يو اي اِي ناراض ٿيو ۽ پوءِ پنهنجا 3.5 ارب ڊالر واپس گهريا. هاڻي اهڙي صورتحال ۾، جڏهن پاڪستان وٽ پرڏيهي ناڻي جا ذخيرو لڳ ڀڳ 16 ارب ڊالر آهن، جيڪڏهن يو اي اِي پنهنجا پئسا واپس وٺي ٿو تہ ان سان پاڪستاني روپئي تي وڌيڪ دٻاءُ پوندو. اِهو بہ ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي تہ پاڪستان، سعودي عرب کان مدد گهري آهي تہ هو 5 ارب ڊالر ڊپازٽ طور ڏئي ۽ 5 ارب ڊالر جو تيل اوڌر تي فراهم ڪري. اميد اِها آهي تہ سعودي عرب ڏکئي وقت ۾ پاڪستان کي اڪيلو نہ ڇڏيندو.

هن وقت يو اي اي ۾ لڳ ڀڳ 17 لک کان وڌيڪ پاڪستاني ڪم ڪري رهيا آهن، جيڪي هر سال تقريباً 7 ارب ڊالر پاڪستان ڏانهن موڪلين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي تہ هو يو اي اِي سان پنهنجا لاڳاپا خراب ڪري. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ ڪجهہ غير ذميوار ماڻهو پاڪ-يو اي اِي لاڳاپن بابت بي بنياد ۽ غلط ڳالهيون پکيڙي رهيا آهن ۽ يو اي اِي جي ڊپازٽس واپس وٺڻ واري معاملي کي بہ غلط انداز ۾ پيش ڪيو پيو وڃي، جيڪو ملڪ جي مفاد ۾ ناهي. هاڻي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ يو اي اِي جا خدشا ختم ڪيا وڃن ۽ انهن کي صاف صاف يقين ڏياريو وڃي تہ پاڪستان يو اي اِي جي خلاف ناهي. پاڪستان تازو سعودي عرب ۾ ٿيل پرڏيهي وزيرن جي اجلاس ۾ بہ نار ملڪن تي ايران جي حملن جي مذمت ڪئي هئي، جيڪا ڳالهہ بہ واضح ڪري ٿي تہ پاڪستان متوازن پاليسي اختيار ڪري رهيو آهي.

آمريڪا جي فضائن مان

جهاز جي خالي سيٽن تي ٻارن جا اسڪول بيگز! ايراني وفد ٻارن جي ياد سان گڏ اسلام آباد آمد

راجا زاهد اختر خانزاده

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي خاموشين کي ڏٺو آهي اها خاموشي جيڪا ڪنهن جي موت کان پوءِ گهر ۾ لهندي آهي اها خاموشي جيڪا ظلم ڏسي بہ جڏهن ماڻهو ڳالهائي نٿو سگهي، تڏهن لفظن جي جاءِ وٺي ٿي پر اسلام آباد جي ان رات جي خاموشي ڪجهہ ٻي هئي هيءَ اها خاموشي هئي جيڪا ڪنهن وڏي فيصلي کان اڳ ڏسڻ ۾ ايندي آهي جڏهن وقت بيهي ٿو ۽ انسان جي روح کان پڇي ٿو تہ هاڻي تون ڇا ڪندين؟ هيءَ ستون لکڻ وقت ايران جو اعليٰ سطح وفد پاڪستان پهتل آهي اهو ڪو عام سفارتي دورو نہ آهي پر تاريخ جي هڪ نازڪ موڙ تي رکيل اهو پير آهي جنهن تي يا تہ امن جي عمارت ٺهندي يا وري هڪ ٻي جنگ جي پٽ ٺهندي. ايران جي وفد ۾ عباس عراقچي ۽ ٻيا اهم اڳواڻ شامل آهن اهي ماڻهو جيڪي صرف ڪاغذن تي نہ پر پنهنجي ملڪ جا زخم ساڻ کڻي آيا آهن پر هن ڀيري زخم صرف سياسي نہ هئا هن ڀيري زخم معصوم هئا انهن جي عمر ننڍڙي هئي انهن جي هٿن ۾ هٿيار نہ پر ڪتاب هئڻ گهرجن ها مان توهان کان پڇڻ چاهيان ٿو، ڇا توهان واقعي مڃي سگهو ٿا تہ اها صرف سفارتڪاري آهي؟ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجن ٻارن جا لاش دفن ڪري ڳالهين جي ميز تي ويهي ٿو تہ هو صرف سياستدان نٿو رهي هو هڪ پيءُ بڻجي وڃي ٿو هڪ ماءُ بڻجي وڃي ٿي هڪ قوم بڻجي وڃي ٿي جيڪا پنهنجا ڳوڙها اندر لڪائي لفظن سان وڙهي ٿي هن سفر جي سڀ کان گهري نشاني اها هئي جيڪا جهاز جي اندر ڏٺي وئي ۽ توهان ان منظر کي تصور ڪري سگهو ٿا، سيٽن تي اسڪول جا بيگز رکيا ويا هئا، ڇوڪرين جون تصويرون انهن سيٽن تي رکيل هيون هڪ لمحو رڪو... ۽ ان کي محسوس ڪريو اهي بيگز انهن ٻارن جا هئا، جيڪي آمريڪا ۽ اسرائيل جي شروعاتي حملن ۾ مارجي ويا هئا سيٽن تي رڳو مسافر نہ هئا پر انهن معصوم زندگين جون يادون بہ هيون لڳ ڀڳ هڪ هڪ سٺو 65 ٻار.....

اهو فقط هڪ انگ ناهي هر هڪ جو نالو هو هر هڪ جي هڪ آواز هئي ڪو صبح جو ناشتو گهري ٿو ڪو رات جو ماءُ جي پرسان سمهي ٿو، ڪو اسڪول وڃڻ کان اڳ جتيءَ جي تسمہ ٻڌڻ ۾ الجهي ٿو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن صرف هڪ ڏينهن ۾، انهن سڀني کي هميشہ لاءِ خاموش ڪيو ويو ان ۾ اسرائيل تہ هو ئي پر ان ۾ اهو آمريڪا بہ شامل هو، جيڪو پاڻ کي انساني حقن جو "علمبردار" سڏائي ٿو اسڪول تي ٿيل بمباريءَ کان پوءِ اهي اسڪولي ٿيلا خالي رهجي ويا.... کڻڻ وارو ڪو نہ رهيو ايران پنهنجي هن سفارتي مشن کي انهن ئي ٻارن جي نالي سان منسوب ڪيو ڪي ماڻهو ان کي علامت چوندا، ڪي سياسي حڪمت عملي پر مان ان کي ڪجهہ ٻيو سڏيان ٿو مان ان کي هڪ انساني رڙيون سڏيان ٿو اها رڙ جيڪا تڏهن نڪري ٿي جڏهن لفظ گهٽجي وڃن ۽ انسان وٽ صرف درد وڃي بچي جنگين ۾ جڏهن ٻار ماريا وڃن ٿا تہ جنگ رڳو سرحدن تائين محدود ناهي رهندي، اها انسان جي ضمير تائين پهچي ويندي آهي دنيا هميشہ ٻارن کي جنگ کان بچائڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي پر حقيقت اها آهي تہ هر وڏي جنگ ۾ سڀ کان وڏي قيمت انهن معصوم جانين ئي ادا ڪنديون آهن اڄ بہ اسرائيل شهري ماڻهن تي حملا ڪري رهيو آهي ۽ ان کي روڪڻ وارو ڪو بہ ناهي غزه ۾، لبنان ۾، هر هنڌ... ٻار، عورتون، اسپتال، اسڪول دنيا ڏسندي رهي پرجڏهن آمريڪا بہ اهو ئي رستو اختيار ڪيو تہ هڪ مختلف قسم جو درد پيدا ٿيو اهو درد جيڪو تڏهن ٿيندو آهي جڏهن توهان ڪنهن کان اميد رکو ٿا ۽ اهو توهان کي مايوس ڪري، تاريخ شايد معاف نہ ڪندي پر اها وساريندي نہ، جو نہ جيڪو ڪجهہ ٿيو، اهو آمريڪا جي لاءِ هميشہ هڪ داغ رهندو ايران جو وفد ٻن الڳ الڳ جهازن ۾ پاڪستان پهتو آهي اهو رڳو سيڪيورٽيءَ جو معاملو نہ هو اهو هڪ خوف هو، جيڪو جڏهن ڪنهن ملڪ جي روح ۾ لهي وڃي تہ پوءِ ماڻهو اهڙي طرح جيئڻ لڳندا آهن ايران ڏٺو آهي تہ جڏهن آمريڪا ڳالهين جو هٿ وڌايو تہ ڪڏهن ڪڏهن ان هٿ ۾ خنجر بہ هو، شهيد جنرل قاسم سليمانيءَ کي ياد ڪريو... هو رڳو هڪ ماڻهو نہ هو، هو ايران جو هڪ يقين هو ۽ اهو يقين هڪ آمريڪي ڊرون ٽوڙي ڇڏيو هاڻي سوچيو، جڏهن يقين اهڙي طرح ٽٽي تہ ڇا ڪو ٻيهر هڪ ئي جهاز ۾ ويهڻ جي همت ڪري سگهي ٿو؟ اسلام آباد ايئرپورٽ تي اسحاق ڊار ۽ عاصم منير وفد جو استقبال ڪيو آهي هڪڙي پاسي سفارتڪاري، ٻئي طرف وردي، هڪ پاسي لفظ، ٻئي پاسي اهو خاموش پيغام تہ طاقت ڪٿي آهي ۽ فيصلا ڪٿي ٿين ٿا؟ پاڪستان هن وقت ٻن دنيا جي وچ ۾ هڪ پل طور بيٺل آهي پر پل هميشہ نازڪ جاءِ تي هوندو آهي جيڪڏهن ٻنهي پاسن جو وزن برابر نہ هجي تہ پل ٽٽي پوندو آهي اسلام آباد کي اڄ اهو وزن ڪلهن تي آهي آمريڪا جي ڳالهہ ڪجي تہ ٽرمپ جي بيانن ۾ سختي آهي پر هر سختيءَ جي پٺيان هڪ ٿڪاوٽ لڪل آهي آمريڪي عوام ٿڪجي چڪو آهي پيٽرول جون قيمتون وڌي ويون آهن مهانگائي آهي بيچيني آهي اها پراڻي عظمت جو بار آهي جيڪو هاڻي ڪلهن ڏکيو ٿيندو پيو وڃي مان هميشہ چيو آهي تہ اصل طاقتور اهو هوندو آهي جيڪو پنهنجي غلطي تسليم ڪري سگهي آمريڪا اڄ انهيءَ امتحان ۾ ورتل آهي ايران جا شرط واضح آهن لبنان تي حملا بند ڪيا وڃن پابنديون ختم ڪيون وڃن منجمد اثاثا واپس ڪيا وڃن اهي شرط رڳو سفارتي نقطا نہ آهن پر هڪ قوم جي صدائن جو اظهار آهن جيڪي سالن جي درد مان اڀري آهن پر ان سڀ جي باوجود، هڪ اونداهو پاڇو آهي جيڪو هر اميد تي ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي 'فلس فليگ' هڪ اهڙو حملو، هڪ پراسرار واقعو، هڪ اهڙو لمحو، جيڪو سڀ ڪجهہ بدلائي سگهي تاريخ ۾ اهڙين ڪيترائي ڀيرا ٿيو آهي جڏهن امن ويجهو آيو، ڪنهن ان کي ٽوڙي ڇڏيو لبنان ۾ اڃا بہ باهہ ٻري رهي آهي ۽ باهہ ڪڏهن بہ وقت ڏسي نہ ڀڙڪندي آهي شايد ڪي قوتون نٿيون چاهين تہ اهي ڳالهيون ڪامياب ٿين آمريڪي وفد ۾ بہ اهڙا آواز آهن جيڪي ايا تائين اسرائيل جي موقف سان ويجها سمجهيا وڃن ٿا پر نائب صدر جي ڊي وينس جهڙن ماڻهن مان اميد بہ آهي جيڪي جنگين جا مخالف سمجهيا وڃن ٿا.

آخر ۾ مان توهان کان هڪ سوال پڇڻ چاهيان ٿو تہ اهي بيگز جيڪي جهاز جي سيٽن تي رکيل هئا، جيڪڏهن توهان اتي هجو ها، ڇا توهان انهن کي وساري سگهو ها؟ مان هڪ انسان جي حيثيت سان ۽ هڪ انساني حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ طور انهن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهان، ڇاڪاڻ تہ جڏهن ٻارن جي تلي تي ڳالهيون ٿين ٿيون تہ دنيا وٽ جنگ جاري رکڻ جو ڪوبہ اخلاقي جواز باقي نٿو رهي ڪو بہ، نہ سياسي، نہ مذهبي، نہ قومي هاڻي سوال اهو آهي تہ ڇا اسان جيڪي پاڻ کي مهذب سڏيون ٿا، هن امتحان ۾ ڪامياب ٿينداسين؟ يا هڪ ڀيرو ٻيهر تاريخ معصوم چهرا نظرانداز ڪري اڳتي وڌي ويندي ۽ اسان سڀ پنهنجي پنهنجي خاموشيءَ ۾ ان جا شاهد بڻجي ويندا سين؟ ايا ڳالهيون شروع ناهن ٿيون پر اميد آهي تہ اهي ڳالهيون وچ اوير ۾ باهہ بدران امن جو پيغام کڻي اينديون

اسلام آباد ۾ ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهيون!


رحمت الله ٻرڙو

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جنهن ۾ اسرائيل جي شموليت سان خطي ۾ هڪ وڏي جنگ جو خطرو پيدا ٿيو، عالمي امن لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻجي چڪو هو اهڙي حساس ۽ نازڪ صورتحال ۾ پاڪستان جي ذميوار قيادت، جيڪا حڪمت، تدبر ۽ سفارتي بصيرت جو مظاهرو ڪيو، اهو نہ رڳو قابل تعريف آهي پر عالمي سطح تي هڪ مثبت مثال پڻ بڻجي اڀريو آهي حقيقت اها آهي تہ جڏهن ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌندي وئي ۽ لبنان ۽ فلسطيني علائقن تي حملا تيز ٿيا، تڏهن عالمي برادري گهڻي حد تائين خاموش نظر آئي پر پاڪستان ان صورتحال کي صرف علائقائي نہ پر عالمي امن لاءِ خطري طور ڏٺو ان ڪري اسلام آباد پنهنجي سفارتي چينلن کي متحرڪ ڪندي جنگ بندي لاءِ سنجيده ڪوششون شروع ڪيون پاڪستان جو اهو ڪردار هڪ ذميوار رياست جي حيثيت سان سامهون آيو جنهن جو مقصد صرف پنهنجي مفادن جو تحفظ نہ پر عالمي امن کي برقرار رکڻ هو سفارتي سطح تي پاڪستان جو وڏو هٿيار ان جو متوازن موقف رهيو آهي هڪ پاسي ايران سان پاڙيسري ۽ برادر اسلامي ملڪ طور ويجها لاڳاپا تہ ٻئي پاسي وري آمريڪا سان سفارتي ۽ اقتصادي تعلق انهن ٻنهي کي برقرار رکندي پاڪستان هڪ پل جو ڪردار ادا ڪيو اهڙي حڪمت عمليءَ سان پاڪستان ٻنهي ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ٻئي طرف آمريڪي قيادت خاص طور تي ٽرمپ ۽ اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جي جارحاڻين پاليسين سبب صورتحال وڌيڪ خراب ٿي پر جڏهن ايران ۽ لبنان طرفان سخت ردعمل آيو تڏهن طاقت جي سياست کي محدود هئڻ جو احساس ٿيو ان موقعي تي پاڪستان جهڙن ملڪن جي سفارتي ڪوششن اهميت اختيار ڪئي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ سفارتي رابطا هن عمل جو اهم حصو رهيا اهي ڳالهيون ظاهر ڪن ٿيون تہ پاڪستان هڪ فعال ثالثي ڪردار جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي ان لاءِ ضروري آهي تہ پاڪستان مستقبل ۾ بہ اهڙي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط ڪري، پاڪستان کي گهرجي تہ ايران ۽ آمريڪا سان مستقل سفارتي رابطا قائم رکي تہ جيئن ڪنهن بہ نئين ڇڪتاڻ کي ابتدائي مرحلي ۾ ئي روڪي سگهجي اسلامي ملڪن وچ ۾ هڪ مضبوط سفارتي اتحاد قائم ڪرڻ گهرجي جيڪو گڏيل طور تي امن لاءِ آواز اٿاري، پاڪستان کي گڏيل قومن ۾ پنهنجو ڪردار وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ گهرجي جيئن عالمي سطح تي انصاف ۽ برابري لاءِ آواز بلند ٿي سگهي جديد دور ۾ ميڊيا هڪ اهم هٿيار آهي ان ڪري پاڪستان کي پنهنجو موقف عالمي ميڊيا ذريعي بهتر نموني پيش ڪرڻ گهرجي

اسٽريٽ هرمز: سپر پاور جو ٽُٽندڙ تصور!

منظور ڪوسو

دنيا کي سڀ کان وڏو نقصان جنگين ڏنو آهي، جن ۾ انساني جانين جي نقصان سان گڏوگڏ معاشي نقصان بہ ايترو ٿيو جو وري ساڳي منزل تي پهچڻ لاءِ انسانن کي ورهيہ لڳندا هين مهاڀاري لڙائي جنهن ۾ هڪ اندازي مطابق 70 کان 85 ملين ماڻهو موت جو شڪار ٿيا، ايڏي وڏي سانحي کانپوءِ مستقبل ۾ دنيا کي خونريز جنگين کان بچائڻ لاءِ گڏيل قومن جو ادارو وجود ۾ آيو پر اهو ڏنو ويو تہ ان تي بہ هر دور ۾ عالمي طاقتن جي گرفت مضبوط رهي ۽ باقي دنيا ساڳيو ئي انهن کيل گناهن جي سزا ڀوڳيندي رهي ۽ اڄان تائين ڀوڳي رهي آهي. توانائي جي قدرتي وسيلن تي قابض رهڻ لاءِ دنيا جي آزاد خودمختيار ملڪن تي جنگيون مسلط ڪرڻ، عوام دشمن ڪٺ پتلي حڪومتون جيڪي خانہ جنگين ۽ نسل ڪشي ۾ ملوث رهيون آهن تن جي پٺڀرائي ڪري ٻمن، گولين ۽ ٻک وگهي ماڻهو مارائڻ جهڙا انسانيت سوز ڪم، ملڪي سربراهن کي ڪنهڻ ۽ مارائڻ، عالمي قانونن جي کُلي عام لتاڙ ڪرڻ اهڙين ڏاڍاين کي روڪڻ لاءِ اسان کي گڏيل قومن جو ڪو خاص ڪردار نظر نہ ٿو اچي. غزه ۾ نسل ڪشي جو ڀيانڪ مثال اسان جي سامهون آهي، جتي 75 هزار کان وڌيڪ معصوم انسانن جو قتل عام ٿيو هزارين معصوم ٻارڙا ٻک ۽ اڃ تي تڙپي تڙپي مري ويا، عمارتون مٽيءَ جا ڍير بڻجي ويون، عبادت گاهون، اسڪول ۽ اسپتالون بہ اسرائيلي بمباري ۾ تباهہ ٿي ويون. زخمي دوائن کان محروم رهيا، ظلم جي حد ٿي وئي جڏهن هڪ نسل جو جگر پلو حصو خاطر خواهہ علاج نہ ملڻ ڪري معذور ٿي ويو. غزه هجي يا ڪي ٻيا متاثر ملڪ، گڏيل قومن جو ڪردار فقط مذمت تائين محدود رهيو ۽ جيڪڏهن انسانيت کي بچائڻ لاءِ سلامتي ڪائونسل ۾ ڪا قرارداد پيش ڪئي ٿي وئي تہ ان کي ويٽو ڪيو ٿي ويو. بهرحال هاڻي انهن حالتن کي ڏسندي دنيا کي امن ۽ سلامتي سان رهڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ سوچڻو پوندو غزه ۾ بي انداز تباهي ڪرڻ کانپوءِ آمريڪا اسرائيل جي فرمائش تي 28 فيبروريءَ کان تباهي جو رُخ ايران طرف ڪيو. ايران کي تہ ظاهر آهي هڪ وڏي تباهي کي منهن ڏيڻو پيو پر دنيا ۾ سپر پاور سڏجندڙ آمريڪا جي طاقت جو ٻُت بہ پورا ٿي پيو. آمريڪا ائين سمجهيو هو تہ ايران ۾ پنهنجا من پسند نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ چند ڏينهن ڪافي آهن پر چاليهن ڏينهن جي سخت مزاحمت کانپوءِ ايران مان هٿ ڪڍڻ لاءِ آمريڪا کي ڪو رستو هٿ نہ پيو اچي، صدر ٽرمپ جو حوصلو جواب ڏئي ويو ۽ هو گارگند تي لهي آيو سپر پاور دنيا ۾ اڪيلو ٿي پيو سندس نيٽو سات نہ ڏنو عرب ملڪن ۾ موجود آمريڪي اڏن ۽ آئل ريفائيننگ يونٽس تي ايران ڀاري حملا ڪيا پر آمريڪا جي سوچ جي بر خلاف عربن ايران کي ڪابہ مزاحمتي موٽ نہ ڏني سڄي دنيا اهو سمجهي وئي تہ آمريڪا، اسرائيل جي جنگ وڙهي رهيو آهي. هاڻي مستقبل ۾ طاقت جي توازن ۽ عالمي سياست ۾ ڪافي تبديليون ڏسڻ ۾ اينديون. آمريڪا تہ ايران کي نيوڪليئر طاقت بڻجڻ کان روڪڻ هليو هو پر اسٽريٽ هرمز جي صورت ۾ ايران هڪ اهڙو هٿيار استعمال ڪيو جو نيوڪليئر بم کان بہ وڌيڪ خطرناڪ نڪتو ائين چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هي قدرتي آبي گذرگاهہ عالمي معيشت جي شهہ رڳ آهي ۽ هن جنگ مان ظاهر ٿيو تہ هاڻي جديد جنگين ۾ فقط خطرناڪ هٿيار نہ پر جاگرافيائي حيثيت بہ طاقت جو اهم ذريعو بڻجي وئي آهي. چند ڏينهن جي بندش سڄي دنيا جي معيشت کي ڌوڏي ڇڏيو ۽ اِهو ئي ايران جو اهڙو هٿيار آهي جنهن آمريڪا کي سڄي دنيا ۾ اڪيلو ڪري ڇڏيو. نيوڪليئر بم دنيا ۾ پهريون ۽ آخري ڀيرو هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ڪيرايو ويو، هاڻي ان جي اهميت هڪ بچاءُ واري آهي تہ ايٽمي طاقت رکندڙ ملڪ سان مهاڏو اٽڪائڻ کان حتي الامڪان گريز ڪيو وڃي تہ ڪٿي هو ايٽمي هٿيارن جو استعمال نہ ڪري وجهي، پر ايران وٽ اسٽريٽ هرمز هڪ اهڙو قدرتي هٿيار آهي جنهن سان ايران جي هاڻي نئين سِر تعمير بہ ٿيندي، هو پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪندو ۽ دنيا ۾ ان جو هڪ نئون مقام هوندو آئنده بہ جيڪڏهن ايران سان ڇيڙڇاڙ ڪئي وئي تہ ايران اسٽريٽ هرمز جو هٿيار استعمال ڪري دنيا جي ڪاروهنوار کي زير و زبر ڪري سگهي ٿو. مختلف ادارا ۽ تنظيمون هن جنگ ۾ نقصان بابت انگ اکر جاري ڪن پيا، ايران جي انساني حقن جي تنظيم 'هرانا' موجب ايران ۾ 3 هزار 636 ماڻهو مارجي ويا، جڏهن تہ انٽرنيشنل فيڊريشن آف ريڊ ڪراس اينڊ ريڊ ڪريسينٽ سوسائٽيز گهٽ ۾ گهٽ 1900 ماڻهن جي مرڻ جي تصديق ڪئي آهي. جڏهن تہ لبنان ۾ 2 مارچ کان جاري اسرائيلي حملن ۾ هڪ هزار 530 ماڻهو ماريا ويا آهن. جنهن ۾ 129 ٻار بہ شامل آهن ڏکڻ لبنان ۾ گڏيل قومن جا 3 امن اهلڪار بہ اسرائيلي حملن ۾ ماريا ويا آهن. عراق ۾ 117 ماڻهو ماريا ويا آهن. خليجي ملڪن ۽ آمريڪي اڏن تي ايراني حملن جا نقصان تنهن کانسواءِ آهن. جن کي ڪافي مخفي رکيو پيو وڃي. ڪنهن بہ ملڪ جي معاشي ترقي جو دارومدار ماڻهن تي هوندو آهي. اهو تہ ڪافي انداز ۾ زيان ٿي چڪو آهي پر مختلف ادارن جي رپورٽن موجب معيشت کي بہ اربين ڊالرز جو نقصان پهتو آهي. سينٽر فار اسٽريٽجڪ اينڊ انٽرنيشنل اسٽڊيز جي مطابق جنگ جي شروعاتي 100 ڪلاڪن ۾ آمريڪا جا 3.7 ارب ڊالر خرچ ٿيا آهن. جيڪي روزاني جي حساب سان 891 ملين ڊالر ٿين ٿا. ايراني حملن جي نتيجي ۾ وچ اوڀر ۾ قائم آمريڪي فوجي اڏن کي تقريبن 800 ملين ڊالر نقصان پهتو آهي. جڏهن تہ مجموعي طور تي ايران جي خلاف جاري آمريڪي فوجي مهم جا اخراجات 25 کان 30 ارب ڊالر تائين پهچن ٿا. بين الاقوامي توانائي ايجنسي جي رپورٽ مطابق خطي جي 9 ملڪن جا گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو توانائيءَ جا اثاثا سخت متاثر ٿيا آهن. جڏهن تہ ايران جي جوابي حملن ۾ خليجي ملڪن جي آئل ريفائيننگ جي صلاحيت کي 30 کان 40 سيڪڙو تائين نقصان پهتو آهي. جنهن سان عالمي منڊي ۾ روزانو 11 ملين بيرل تيل جي ڪمي واقع ٿي. ماهرن جي مطابق تباهہ ٿيل توانائي جي يونٽن جي بحالي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 25 ارب ڊالر لاڳت ايندي. جڏهن تہ برينٽ ڪروڊ آئل جي قيمت 100 ڊالر في بيرل کان بہ چڙهي وئي. ورلڊ ٽريول اينڊ ٽور ازم ڪائونسل جي مطابق هن جنگ سياحت کي روزانو 600 ملين ڊالر نقصان ڏنو رپورٽن موجب 2026ع ۾ وچ اوڀر کي سياحت مان 200 ارب ڊالر کان وڌيڪ جي آمدني متوقع هئي. وچ اوڀر جي ملڪن کانسواءِ سڄي دنيا هن جنگ جا نقصان برداشت ڪيا، تيل جي ڪمي ٿي، تيل مهانگو ٿيو، جنهن سان هڪ دنيا مهانگائي جي لپيٽ ۾ اچي وئي هاڻي جيڪڏهن جنگ بندي نہ ٿئي ها تہ دنيا تمام وڏي نقصان سان هم ڪنار ٿئي ها. اميد اها ڪئي پئي وڃي تہ ڌرين وچ ۾ اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهيون ضرور ڪنهن نتيجي تي پهچنديون ۽ دنيا سٺي خبر ٻڌندي پر اها ڳالهہ بہ اهم آهي تہ اسرائيل انهن ڳالهين مان خوش ڪين آهي، پنهنجو ڪافي نقصان ڪرائڻ جي باوجود بہ هو آمريڪا ايران جنگ جو ڪو فيصلائتو خطرناڪ نتيجو ڏسڻ چاهي ٿو اسرائيل جي خواهش تي ايران سان جنگ ڪندڙ صدر ٽرمپ کي پنهنجي ملڪ توڙي دنيا ۾ ايڏي وڏي مخالفت کي منهن ڏيڻو پئجي ويو آهي جو هو هاڻي ڪيئن بہ ڪري هن جنگ مان هٿ ڪڍڻ ٿو چاهي، هن محسوس ڪري ورتو آهي تہ ايران کي جهڪائڻ 'رڪ جا چڻا چٻاڙڻ' مثل آهي.

اڄوڪو ڏينهن - 12 اپريل

حافظ محمد احسن چنا



اڄ سنڌ جي نامور شاعر ۽ صحافي، حافظ محمد احسن چنا جي جنم ڏينهن آهي هو 12 اپريل 1900ع تي ضلعي دادو جي ڳوٺ ملڪاڻي شريف ۾ پيدا ٿيو [illegible] 1918ع [illegible] 1951ع [illegible] فارسي ۽ عربيءَ جا سبق پڙهائيندو رهيو 1921ع ڌاري شاعري شروع ڪيائين شاعريءَ ۾ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ۽ جمعو خان غريب سندس استاد هئا. سندس شاعريءَ ۾ غزل، قصيدا، دوها، گيت، بيت، رباعيون، قطعا، مسدس، مستزاد ۽ مثنويون وغيره شامل آهن هن دادوءَ مان هفتيوار اخبار "آواز سنڌ" جاري ڪئي شاعريءَ سان گڏوگڏ هڪ سٺو نثر نويس پڻ هو 1943ع ۾ دادوءَ ۾ انجمن آفتاب ادب جو بنياد وڌائين ۽ پاڻ انهيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين 1949ع ۽ 1952ع ۾ دادوءَ ۾ ادبي ڪانفرنسون بہ منعقد ڪرايائين سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ديوان احسن، گلزار شعر، احسن الاخلاق، رباعيات احسن، گلدستہ حسن، سجن تي ستم، سوانح مخدوم بلاول، باغباني شاهہ جو پيغام ۽ قصص الانبياءُ شامل آهن هن 1986ع ۾ وفات ڪئي

اسد الله شاهہ بيخود حسيني

اڄ مشهور شاعر، نثر نويس ۽ تعليمي ماهر اسد الله شاهہ بيخود حسينيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن تليواري اديب 12 اپريل 1931ع تي ٺٽي محمد خان ضلعي جي مشهور ڳوٺ ٽکڙ ۾ سيد الهہ بخش شاهہ جي گهر ۾ جنم ورتو هن 1957ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪئي اڳتي هلي لنڊن يونيورسٽيءَ مان بي اي (آنرس) ۽ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات 1960ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فارسي شعبي ۾ ليڪچرار طور ڪيائين 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ادبي ڪيترين پير پاتائين هن کي شاعريءَ ۾ مولانا غلام محمد گراميءَ ۽ مخدوم طالب المولىٰ جي سرپرستي حاصل رهي شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين هن شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ تي ڪيترائي مضمون لکيا ۽ شاهہ جي سورمين تي عمدا خاڪا لکيا هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا، جن ۾ "پيغام غمگسار عرف حافظ شاهہ جو ڪلام"، "تذڪره شعراءِ ٽکڙ"، "تاريخ جو فلسفو (ترجمو)"، "ڪليات دلگير" ۽ "يادگار لطيف" شامل آهن هن 23 جولاءِ 1981ع تي وفات ڪئي

بدر قريشي

هن تلميذي اديب جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1941ع ۾ جيڪب آباد ۾ ٿيو انٽر تائين تعليم حاصل ڪرڻ بعد دوائن جي هڪ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪيائين بدقسمتيءَ سان هڪ روڊ حادثي ۾ سخت زخمي ٿي پيو ۽ 18 يا 19 سال معذوريءَ سبب بستري تي گذاريائين شاعريءَ سان گهڻو دلچسپي هئس پنهنجي

[illegible] جنسون دريافت ڪيائين ڪنول 95 ۽ آرٽي 65 نالي سان نئين ڪپهہ جون نيون جنسون دريافت ڪيائين نثار هڪڙو شاگرديءَ واري زماني ۾ قوم پرست لئي سان سلهاڙيل رهيو هن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي قيام ۾ حصو ورتو ۽ جيئي سنڌ محاذ جو ضلعي سکر لاءِ آرگنائيزر رهيو هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو سرگرم ڪارڪن رهيو انهن تنظيمن ۾ شڪارپور هسٽاريڪل سوسائٽي، سنڌي ادبي سنگت، هَڪڙا همدرد جماعت ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن هن ڊومينڪ ليپيري ۽ ليري ڪولنس جي مشهور ڪتاب Freedom of Mid Night جو سنڌيءَ ۾ ترجمو "اڌيءَ رات آزادي" نالي سان ڪيو هن 31 جنوري 2004ع تي هي جهان ڇڏيو

حيات علي شاهہ بخاري



اڄ مشهور ليکڪ، صحافيءَ، اداڪار ۽ صداڪار سيد حيات علي شاهہ بخاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 12 اپريل 1949ع تي حيدرآباد ويجهو تاريخي ڳوٺ هٽڙي ۾ پيدا ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين هن کي صداڪاريءَ ۽ اداڪاريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو هن 1967ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي هڪ اداڪار ۽ ليکڪ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هن ريڊيو پاڪستان لاءِ 200 کان وڌيڪ ڊراما ۽ اسڪرپٽ لکيا، پاڪستان ٽيليويزن تي ڪيس هارون رند متعارف ڪرايو، ريڊيو وانگيان ٽيليويزن لاءِ بہ هن ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ اداڪاري بہ ڪئي فلمي دنيا ۾ ڪيس لي ڪيو پيرزادي متعارف ڪرايو هن فلم محبوب مٺا، رت جي راند، جيجل ماءُ، پيار تان صدقي ۽ رت جا رشتا ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ۽ فلم پوتي ۽ پڳ ۾ هدايتڪار طور ڪم ڪيو فلم جيجل ماءُ ۽ رت جا رشتا جون ڪهاڻيون بہ هن لکيون هن صحافتي زندگيءَ جي شروعات 1988ع ۾ ڪئي ۽ حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ مختلف اخبارن سان لاڳاپيل رهيو هو هڪ مشهور ڪالم نگار پڻ هو هن 2 نومبر 2020ع تي وفات ڪئي وفات وقت هو "روزاني عبرت حيدرآباد" سان لاڳاپيل هو

ڊاڪٽر مشتاق باگائي

اڄ مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ نثر نويس مشتاق باگائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي مشهور ليکڪ اسلم عباسيءَ پنهنجي ڪتاب "مورو- تاريخ ۽ ثقافت" ۾ هن جي جنم جي

مختيار اِنڪ

[illegible] مان حاصل ڪيائين 1974ع ۾ [illegible] 2012ع ۾ [illegible] سنڌس ڪتابن ۾ "هو جي ٻول ٻُريا" (شاعري)، "اجهاڻل آس" (ڪهاڻيون)، "لڙهندڙ وڻجهہ اڀهريون لهرون" (شاعري)، "هو جي پهڻ پٻ جا" (شاعري)، "لاڙ جا ڏينهن لاڙ جون راتيون" (يادگيريون)، "ڪاري رات اتر ڪانيو"، "ڳالهيون ڳنوارن جون"، "ٺٽگر ٺٽي جو سماج مطالعو ۽ مشاهدو"، "ساحلي علائقن جي جتن ۽ مهاڻن جو سماجياتي مطالعو" ۽ "موري شهر ۽ ان جي پسگردائيءَ جي سماجي تاريخ" شامل آهن

خدا بخش ابڙو



اڄ مشهور چترڪار خدابخش ابڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هو 12 اپريل 1957ع تي حيدرآباد جي وادن واري پڙ ۾ ڄائو چترڪاريءَ سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ رهيس اسڪول ۾ پڙهڻ دوران ئي هن سهڻا عڪس ٺاهڻ شروع ڪيا هن جون ناهيل تصويرون پهريون ڀيرو "روزاني هلال پاڪستان" اخبار ۾ 1970ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ ڇپيون ان کان پوءِ هن ڪيترن ئي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جا سرورق ٺاهيا ۽ پنهنجي فن ۾ وڏي مڃتا ماڻي مشهور ڪهاڻيڪار امر جليل هن جي صلاحيتن کي پرکيندي هن کي لاهور جي ڪاليج آف آرٽس ۾ داخلا وٺڻ لاءِ همٿايو، داخلا وٺڻ کان پهريائين هن ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۽ حيدرآباد ميوزيم ۾ پنهنجي پينٽنگس ۽ خطاطيءَ جي نمائش ڪئي ان بعد هن ڪاليج آف آرٽس لاهور مان گريجوئيشن ڪئي اڳتي هلي ڪراچيءَ ۾ هو نيوز لائين ميگزين سان هڪ ڪارٽونسٽ طور لاڳاپجي ويو هن جا ڪجهہ فن پارا بصري شاعريءَ جو نادر نمونو پيش ڪن ٿا

ضراب حيدر

اڄ تليواري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار ضراب حيدر جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي هن 12 اپريل 1967ع تي سکر ۾ جنم ورتو وحدت ڪالوني حيدرآباد، پنگريءَ ۽ نواب شاهہ جي اسڪولن ۾ پڙهيو ۽ ڊگري ڪاليج نواب شاهہ مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيائين هن بي اي، بي فارميسي، ڊاڪٽر آف هوميوپيٿڪ ميڊيسن، ايم اي (سنڌي) ۽ ايم اي (اردو) جون سندون حاصل ڪيون هن اسڪول واري زماني کان لکڻ شروع ڪيو سندس ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻجي چڪا آهن سندس لکيل ڪيترائي ڊراما پڻ مختلف ٽي وي چينلن تان نشر ٿي چڪا آهن هن جي لکيل ڪتابن ۾ انگن

آغا سليم



اڄ سنڌ جي برک اديب ۽ براڊڪاسٽر آغا سليم جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 7 اپريل 1934ع تي شڪارپور ۾ ٿيو سندس پورو نالو آغا خلد سليم ولد آغا عبدالڪريم هو هن پرائمري تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ان بعد گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري گريجوئيٽ ٿيو هو پنهنجي عمر جو گهڻو حصو ريڊيو پاڪستان سان لاڳاپيل رهيو، جتان اسٽيشن ڊائريڪٽر طور رٽائر ڪيائين سندس پهرين ڪهاڻي "آهہ اي ظالم سماج" 1958ع ڌاري شايع ٿي هن جو پهريون ناول "اونداهي ڌرتي روشن سج" 1972ع ۾ ڇپيو، جنهن ادبي دنيا ۾ وڏي مقبوليت ماڻي هن شاهہ جي رسالي جو اردو ۽ انگريزيءَ ۾ پڻ منظوم ترجمو ڪيو سندس ٻين ادبي ڪاوشن ۾ روشنيءَ جي تلاش (ناوليٽ)، چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)، لذت گناهہ (ڪهاڻيون)، درد جو شهر (ڪهاڻيون)، ڌرتي روشن آهي (افسانا)، اڻپورو انسان (ناول)، پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري)، همہ اوست (ناول) ۽ ٻيا سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتاب شامل آهن هن ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا، جن ۾ وايسي روپ ڀروپ، گلن جهڙا گهاءُ ۽ دودو چنيسر خاص ذڪر جي لائق آهن عمر جي آخري حصي ۾ "جاڳو" ۽ "سچ اخبار" جي ايڊيٽر طور بہ ڪم ڪيائين سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور کيس حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي ۽ لطيف ايوارڊ سان نوازيو ويو هن 12 اپريل 2016ع تي وفات ڪئي ۽ کيس ڀٽ شاهہ ۾ دفنايو ويو

محبوب سروري



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور تعليمدان ۽ قادر الڪلام شاعر مرحوم محبوب سروريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي محبوب سروريءَ هوسڙيءَ ويجهو ڄاڻي پنهور ڳوٺ ۾ 8 جنوري 1934ع تي جنم ورتو، سندس والد جو نالو محمد صديق پنهور هو هن سنڌي فائنل جو امتحان 1947ع ۾ پنهنجي اباڻي شهر هوسڙيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1953ع ۾ ۽ انٽر آرٽس جو امتحان سروري اسلاميہ ڪاليج هالا مان 1955ع ۾ پاس ڪيو بي اي (آنرس) ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1957ع ۽ 1965ع ۾ حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ڪاليج ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان ڪيائين مرحوم محبوب سروريءَ کي ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ جو شوق هو سنڌ جي نامياري شاعر ۽ روحاني پيشوا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي صحبت ۽ سرپرستيءَ ۾ سندس شاعريءَ کي چار چنڊ لڳي ويا ۽ کيس سنڌي ادبي حلقن ۾ پنهنجي دور جي هڪ بهترين غزل گو شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو غزلن کان علاوهہ حمد، نعت، سلام، مدح، ڪافي بيت، نظم ۽ گيت وغيرهہ تي بہ طبع آزمائي ڪيائين پاڻ ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي تنظيمن جو ساٿاري ۽ روح روان رهيو 1954ع ۾ بزم سروري اسلاميہ ڪاليج هالا جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو 1956ع ۾ هوسڙيءَ ۾ محفل سروري نالي ادبي تنظيم جو بنياد وڌائين ان کان علاوهہ

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 200 سال 2026

مسمات رٻا ڌيءَ اعجاز علي زال محمد طاهر رهندڙ ڳوٺ نيو علي آباد ڪالوني نزد ملڪ پيٽرول پمپ هالا ناڪ حيدرآباد ..پلينٽف.بخلاف. محمد طاهر ولد احمد علي ذات جهٽيال رهندڙ ڳوٺ عالماڻي پوليس اسٽيشن سيهڙ تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري آف ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس، ڏاور امائونٽ ۽ ڊليوري جو خرچي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 48 سال 2026

طارق رحمان ولد رحيم بخش هاليپوٽو رهندڙ هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه ..ايپليڪينٽ.بخلاف. (1)طاهر رحيم (2) فيصل (3) مسمات سهڻي (4) مسمات سميرا (5) مسمات ماهنور (6) مسمات طاهره (7) مسمات ڪائنات سڀ پٽ ڌيئرون رحيم بخش هاليپوٽو (8) مسمات مينا بيواهه رحيم بخش هاليپوٽو (9) مسمات زليخان بيواهه محمد يونس (10) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.25.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1)محمد يونس (2) بيبي روشني جي گارڊين جي مقرري بابت سندن پراپرٽي پلاٽ نمبر 32 ايراضي 1800 اسڪوائر فوٽ روينيو سروي نمبر 168/2 ديهه 50 داد اصغر ڪالوني سوسائٽي نوابشاهه تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي دهلي زال ميوو ڌيءَ رامون هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ نورمحمد هاليپوٽو تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ ..پلينٽف.بخلاف. ميوو ولد چانيو هندو بالغ ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ سل نزد چاچرو تعلقو چاچرو ضلعو ٿرپارڪر ايٽ مٺي. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج I ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج V ٽنڊو محمد خان
گارڊين درخواست نمبر سال 2025

عزيز الله ولد گل محمد ذات لنجواڻي رهندڙ ڳوٺ نصير لنجواڻي ديهه فتح پور تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان ..ايپليڪينٽ.بخلاف. (1) اسد الله (2) هدايت الله (3) راشد علي سڀ پٽ ڌي گل محمد (4) ياسمين بيواهه گل محمد (6) ڪليم الله (ماٿر) (7)شيزان احمد (ماٿر) معرفت گارڊين ريسپونڊنٽس نمبر 4. اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين مقرري بابت سندن زرعي زمين سروي نمبر 18 ايراضي 1-22 ايڪڙ واقع ديهه صديق پور تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج V ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته پلاٽ نمبر A-65/A واقع ديهه گدو حيدرآباد ريلوي ايمپلائيز ڪوآپريٽو سوسائٽي ليمٽيڊ حيدرآباد نالي غلام نبي ولد محمد اسماعيل قومي شناختي ڪارڊ نمبر 4130192170777 ميمبر شپ نمبر C-24 جناب علي اصغر ولد ٻهير خان شناختي ڪارڊ نمبر 4130692826613 هن پلاٽ جو ٽوٽل ايراضي 120 گز سيل ايگريمينٽ جي ذريعي خريد ڪيو آهي ۽ پلاٽ پنهنجي نالي تي ٽرانسفر ڪرائڻ لاءِ سوسائٽي آفيس ۾ ڪاغذات جمع ڪرايا آهن ان سلسلي ۾ اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر سوسائٽي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ ڪانپوءِ پلاٽ ان جي نالي تي ٽرانسفر ڪيو ويندو ۽ بعد ۾ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

حيدرآباد ريلوي ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ليمٽيڊ حيدرآباد ڪميونٽي سينٽر بلڊنگ آڱرين روڊ لطيف آباد نمبر 3 حيدرآباد

بقايا 1 تعزيت

ڳالهائيندي چيو ته مرحوم مير بابل خان جکراڻي جيڪب آباد جي معزز شخصيت ۽ بزرگ سياستدان هو جنهن جيڪب آباد لاءِ تمام ڪم ڪيو، هن چيو ته سنڌ ۾ عورتن کي هيسائڻ وارا ڪيس تمام گهڻا رڪارڊ ٿيندا آهن ميرپور خاص وارو واقعو هجي ٿر وارو واقعو هجي يا سنڌ جي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ جيڪڏهن عورتن سان ڪا جنائي ٿي آهي ان جو فوري طور تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ قانون موجب انهن ڪيسن جي جاچ ڪري جوابدارن کي سخت سزا ڏني وئي آهي هن چيو ته مجموعي طور تي امن امان جي صورتحال ڀهريان ڪان بهتر آهي ڪراچي ۾ گذريل 3 مهينن دوران اسٽريٽ ڪرائم سميت هر قسم جي ڏوهه ۾ 18 فيصد گهٽتائي آئي آهي باقي سنڌ جي هاءِ ويز ۽ اندروني سنڌ جي ضلعن ۾ به ڀهريان ڪان ڏوهن ۾ گهٽتائي آئي آهي هن چيو ته ڪچي ۾ آپريشن ڪان پوءِ حالات ڪافي بهتر ٿيا آهن جيڪب آباد، ٺل، لاڙڪاڻو ۽ ڊيرا الهيار جي هاءِ ويز کي به مڪمل محفوظ بڻايو ويندو ته جيئن ڪنهن به قسم جو ڏوهه نه ٿي سگهي جيڪڏهن انهن هاءِ ويز تي ڪنهن امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوءِ انهن سان ڪچي جي ڌاڙيلن ڪان وڌيڪ خراب حشر ڪيو ويندو هن چيو ته هن وقت گهوٽڪي خيرپور ڪشمور ۾ اغوا جو هڪ به ڪيس ظاهر ناهي ٿيو ڀهريان ڪان حالات ڪافي بهتر ٿيا آهن جنهن کي اجان وڌيڪ بهتر ڪنداسين هن چيو ته هتان جي ماڻهن ڪان جيڪب آباد ۾ امن امان جي حوالي سان ڀهريان ڪان بهتر حالتن جو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي آهي پر اسان اجان به وڌيڪ بهتري آڻينداسين هن چيو ته سنڌ حڪومت جي تعاون سان ڪراچي ۾ سيو سٽي پراجيڪٽ جو پهرو مرحلو شروع ڪيو آهي پهرين مرحلي ۾ 1300 سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳايون ويون جنهن سان حالات ڪافي بهتر ٿيا آهن ۽ وڌيڪ 2500 سٺو سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳايون وينديون ته جيئن ڏوهن کي مڪمل طور ختم ڪري سگهجي هن چيو ته ساڳيو سيو سٽي پراجيڪٽ جيڪب آباد سميت سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ شروع ڪنداسين. جيڪب آباد جي انجمن تاجران ميونسپل ڪاميٽي سميت ڪاروباري ماڻهون سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد ۾ پوليس سان تعاون ڪن ته جيئن پوليس کي ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ڏوهارين کي پڪڙڻ ۾ سهولت ملي سگهي، هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته ڪراچي سميت اندروني سنڌ ۾ موجود زيون هال ڏاڻن جي نئين سر تعمير لاءِ سنڌ حڪومت ۽ آسين ڪوششون ڪري رهيا آهيون ڪجهه نئين مسئلن جي ڪري قبضو ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي آهي جنهن کي جلد حل ڪري ڏاڻن جي نئين سر تعمير کي يقيني بڻايو ويندو جڏهن ته ايم اين اي ميراعجاز حسين جکراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آئون ايس ايس پي جيڪب آباد فيضان علي کي گذارش ڪندس ته هو سيو سٽي پراجيڪٽ تحت سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي سموري ضلعي جيڪب آباد جي اسڪيم تيار ڏئي جنهن بعد آئون پاڻ سميت پنهنجي ايم پي ايز ڪان به فنڊ وٺي سندس حوالي ڪندس ته جيئن جيڪب آباد جي ڪنهي تعلقن ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳي سگهن.

بقايا 2 ڪهرام

دوران حيدرآباد جي اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي.

بقايا 3 ڊائريڪٽر

روڪي منصفاڻي ورهاست کي يقيني بڻايو وڃي اهڙو اظهار هن ميرپورخاص ۾ نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ جي آفيس ۾ انجنيئرن ۽ عملدارن سان اهم اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو هن چيو ته سيني ڊويزن ۽ سب ڊويزن ۾ واٽر ڪورسن جي اصل ماپ کي هر صورت ۾ بحال ۽ برقرار رکيو وڃي، جيئن پاڻي جي ورڇ ۾ ڪنهن به قسم جي ناانصافي نه ٿئي ايم ڊي سيڊا سمورن انجنيئرن کي خاص طور تي هدايت ڪئي ته شاخن جي پڇڙين ۾ پاڻي جي فراهمي کي پڻ هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي، جيئن پڇڙي جي آبادگارن تائين به پاڻي جي برابري سان پهچ ممڪن ٿي سگهي هن چيو ته جتي به نظام ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي اتي وارا بندي لاڳو ڪري ان تي سختي سان عمل ڪيو وڃي منصور ميمڻ وڌيڪ چيو ته سائفن يا پائيپن ذريعي پاڻي جي چوري کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو اهڙين غيرقانوني سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف فوري طور قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.ايم ڊي سيڊا اسٽاف کي پڻ هدايت ڪئي ته هو پنهنجي لاڳاپيل ڊويزن ۽ سب ڊويزن ۾ موجودگي کي يقيني بڻائي شاخن ۽ واهن جي باقاعده مانيٽرنگ ڪن ۽ ان سان گڏوگڏ، مانيٽرنگ بابت تفصيلي رپورٽون وقت سر ڪيس پيش ڪن.ان موقعي تي ڊائريڪٽر نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ شان محمد ملاح، ايگريڪيوٽو انجنيئر اسسٽنٽ ايگريڪيوٽو انجنيئرز جي ايم نارا ڪينال ۽ ڪسٽمر. ريليشنز پڻ گڏجاڻي ۾ موجود هئا.

بقايا 4 احتجاج

خان ۾ جسقم طرفان ميرپورخاص جي ميڊيڪل يونيورسٽي جي شاگرديائي فهميده لغاري جي آپگهات واري معاملي ۾ ڪيس حراسمينٽ ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ، احتجاج ۾ شامل جسقم جي ضلعي نائب صدر ذوالفقار پيو پرڳڙي ، عظمت شيدي ، سلمان حاجاڻو ، رضا پرهياڙ ، شاهه فهد پٽي ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ نياڻين سان ٿيندڙ ناروا سلوڪ ڪين تعليم ڪان پري ڪرڻ جي سازش آهي ، جنهن تحت يونيورسٽين ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ ڪيمرائي اهڙا شرمناڪ واقعا پيش ڪري سنڌ جي نياڻين کي تعليم ڪان محروم رکڻ واري رٿيل سازش تي عمل ڪرايو وڃي پيو جنهن ۾ حڪومت توڙي اختيارين خاموش تاماشائي بڻيل آهي جنهن جو عدالتي نوٽيس ورتو وڃي ، ملوث درندا صفت جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڦاهي جي سزا ڏني وڃي ٻي صورت ۾ هاڻي احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو .

بقايا 5 مجلس

مجلس جو انعقاد ڪيو ويو انهيءَ موقعي تي مجلس کي حيدرآباد جي مولانا سائين بخش مناظري ، صوبائي آرگنائيزر مجلس وحدت مسلمين سنڌ غلام مقصود علي ڊومڪي ضلعي صدر مجلس وحدت مسلمين ضلع ڪشمور مولانا سيد غلام باقر شمسي ۽ پرنسپل مدرسه ارشاد الثقلين مولانا اديب حسين نجفي خطاب ڪيو عالمن شهيدن جي عظيم قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ انهن جي رستي کي مسلم امت لاءِ روشني جو مينار قرار ڏنو مقررين قوم جي اتحاد، مظلومن جي دفاع ۽ شهادت جي پيغام کي زنده رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو پروگرام جو انتظام ۽ بيا سڀ انتظام وحدت نوجوان ڪنڌڪوٽ جي نوجوانن تمام سٺي نموني سان سرانجام ڏنا موقعي تي مومنين سينٽر تنظيمي ڪارڪنن ۽ شهر واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي .

بقايا 6 ٿمر جتوئي

اهڙو اظهار سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ٿمر حيدر جتوئي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ڪيو هن چيو ته سنڌ جا تعليمي ادارا نياڻين لاءِ مقتل گاهه بڻيل آهن ڊاڪٽر فهميده لغاري جي واقعي انسانيت کي لجائي ڇڏيو آهي جيڪڏهن سنڌ حڪومت پهرئين ٿيندڙ اهڙا واقعا روڪي ها ته اڄ اهڙا واقعا پيش نه اچن ها سنڌ حڪومت جي ناڪامي ۽ ڪٽي به رت نه آهي سنڌ ۾ انصاف قانون نالي ڪا شيءِ ناهي ڊاڪٽر فهميده لغاري جو واقعو ڪليل دهشتگردي آهي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي انصاف جي

بقايا احتجاج ختم نه ٿيو

صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته شاگرديائي جي واقعي تي سڄي سنڌ کي صدمو پهتو آهي اتان جي مقامي پوليس ڪيس بابت جوابدارن کي گرفتار ڪندي هڪ جوابدار گرفتار ٿيو آهي بيا جلد گرفتار ٿيندا ۽ شاگرد احتجاج ختم نه پيا ڪن روڊ بلاڪ هجڻ ڪري سڄي ملڪ جي ٽريفڪ معطل ٿي آهي عوام مسافر پريشان آهن روڊ کوليو وڃي .

بقايا 8 مظاهرو

ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته فهميده لغاريءَ جو موت خودڪشي نه پر قتل آهي جنهن کي حراسمينٽ ڪري اهو قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو ويو هئن چيو ته سنڌ جا درسگاهه نياڻين لاءِ تعليمي ادارا نه پر مقتل گاهه بڻيل آهن جتي ڪين هيسائي اهڙاقدم کڻڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي هئن اختيارين ڪان واقعي جي جاچ ڪرائڻ ان ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري ۽ نياڻين کي تحفظ ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي .

بقايا 9 سرٽينگ

ته جوابدارن رڪشا کي روڪي عورتن تي تشدد ڪري نوجوان ناري سينا ڌي ارشاق ماڇي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي ناري زخمي ٿي پئي جنهن کي فيض گنج جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ ناري جي ماءِ سسي ماڇي ڳالهائيندي چيو ته آهي ته ڳوٺ مهاڙي ۾ شادي تقريب هئي جتي گهوٽ جاويد ماڇي کي مهندي لڳائي رڪشا ۾ ڳوٺ جلالجي چوڏگي گهر واپس پئي آهيون سين ته مجيداڻو برادري سان تعلق رکندڙ 8 جوابدارن حملو ڪري عورتن تي تشدد ڪري ڦرلٽ ڪئي جنهن دوران جوابدارن نوجوان ناري سينا کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي اسان مذاحمت ڪئي ته جوابدارن عورتن کي رڪشا مان لاهي تشدد ڪيو جنهن ۾ سينا سرٽينگ ٿي پئي آهي جنهن کي اسپتال داخل ڪيو آهي هن چيوته چار سڃاتل جوابدارن جنهن ۾ سڌير مجيداڻو صفير مجيداڻو ساجد مجيداڻو سميت 8 جوابدار شامل هئا جن وٽ هٿيار پڻ هئا هن چيوته ڪوٽ لالو پوليس وٽ وياسين پر پوليس ڪيس داخل ڪرڻ ڪان انڪار ڪندي اسان کي واپس ڪري ڇڏيو آهي هن مطالبو ڪيو آهي ته ڪيس داخل ڪري جوابدار گرفتار ڪري اسان کي انصاف ڏياريو وڃي پوليس موجب عورتون تي تشدد ٿيل آهي ليٽر ڏني اسپتال منتقل ڪيو آهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪنداسين

بقايا 10 زين شاهه

زراعت کي نقصان ڏيندي، ان ڪري حڪومت فوري طور ماڻهو جي زندگي آسان ڪرڻ ۽ زراعت جي بهتري لاءِ موجوده ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪري سيد زين شاهه چيو ته ايران ۽ آمريڪا جنگ بنديءَ جو خير مقدم ٿا ڪيون ۽ دعا ٿا ڪيون ته اهو ڏاهه ديرپا هجي علائقائي توڙي پوري عالم ۾ امن جا خواهشمند آهيون سيد زين شاهه چيو ته ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي ڪمائي ڪراچي تي خرچ ڪئي وڃي جيئن انفرا اسٽرڪچر سان گڏوگڏ صوبي جي ترقي جي راهه تي گامزن ڪري سگهجي سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته سڄي سنڌ ۾ حڪومتي ادارا ڪرپشن جي ور چڙهيل آهن هتي عوام کي سستو ۽ تڪڙو انصاف ملڻ محال ٿي پيو آهي جنهن سبب لاقانونيت ۽ سنڌ هڪ پوليس اسٽيٽ بڻجي وئي آهي سيد زين شاهه چيو ته ميرپور خاص ۾ خانگي ميڊيڪل ڪاليج ۾ هڪ نياڻي جي خودڪشيءَ جو واقعو انتهائي ڏکائيڪ آهي اداري کي ان جو فوري نوٽيس وٺي ملوث ماڻهن کي سخت سزا ڏني وڃي سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته مٺي 20 تي اسان مورو واقعي کي هڪ سال پورو ٿيڻ تي مورو ۾ پريور احتجاج ڪنداسين موري ڪيس ۾ بي ڏوهي ماڻهن کي فورن آزاد ڪيو وڃي هن ملڪ ۾ قانون حڪومتي ڏر جي گهر جي نوڪر وانگر ڪم ڪري ٿو اڪري موري ڪيس جي باندين جو ڪيس به بڏو نئو وڃي سيد زين شاهه ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪالهه ڏاڻو سنڌي ٻوليءَ جو عالمي ڏينهن طور ملهايو ويو ان عمل جي اسان واڪاڻ ڪيون ٿا ۽ هر سال 10 اپريل تي سنڌي ٻوليءَ جو عالمي ڏينهن ملهائينداسين ۽ ان سان گڏوگڏ اسان ملڪ ۾ ڳالهائجندڙ سڀني ٻولين لاءِ احترام رکون ٿا اسان سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي طور بڻائڻ لاءِ پنهنجي ڪوشش جاري رکنداسين

سيد زين شاهه چيو ته سنڌ ايڪشن ڪميٽي طرفان 16 اپريل 2025ع تي ٿيندڙ قومي ڪانفرنس ۾ ايجنڊا موجب سنڌ ۾ زمينن جي والان باهران آيل غير قانوني طور ترسايل پناهگيرن جي باوقار طريقي سان نيڪالي جي حمايت ڪيون ٿا.

بقايا 11 شڪ ظاهر

گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي ان حوالي سان مقتول جي پاءُ محمد شاهه پلاڻ ۽ سندس وارثن پاران ڪوٽڙي سائيٽ ۾ فوتي جي تڏي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي اسان جو پاءُ مزدوري ڪندو هو هو چار ڏينهن کان لاپتا هو اسان ڪافي ڳولا ڪئي هئي هو هٿ نه اچي سگهيو ۽ اسان کي بجري جي ڍير مان مليو آهي اسان کي شڪ آهي ان کي قتل ڪري لاش کي ڳچ ڳوهه ۾ لڪايو ويو هو هٿن ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي جامشورو کان جاچ جو مطالبو ڪندي قاتلن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مقتل ڪيس داخل ڪري جوابدار گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 12 اجلاس منعقد

صدارت هيٺ ڊي سي آفيس ۾ لينڊ ايڪيوزيشن ڊرينيج ۽ واٽر سپلائي اسڪيمن بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي اندر پبلڪ هيلٿ جي جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس جو مقصد پبلڪ هيلٿ جي ترقياتي منصوبن کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ هو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل پبلڪ هيلٿ ۽ ريونيو آفيسرن کي هدايتون ڏينندي چيو ته لينڊ ايڪيوزيشن سان لاڳاپيل سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري منصوبن جي جلد مڪمل ڪيو وڃي ، هن واضح ڪيو ته ترقياتي ڪمن ۾ ڪنهن به قسم جي سست رفتاري، لاپرواهي يا غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي، ڊپٽي ڪمشنر ايڪسيئن پبلڪ هيلٿ کان ضلعي ۾ جاري واٽر سپلائي ۽ ڊرينيج اسڪيمن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ورتي ۽ هدايت ڪئي ته ڪم جي معيار سان گڏ رفتار تي به خاص ڌيان ڏنو وڃي، هن وڌيڪ چيو ته اهڙا مؤثر اپاءَ ورتا وڃن، جن سان منصوبا جلد مڪمل ٿي سگهن ۽ عوام کي صاف پاڻي ۽ نيڪال آب جهڙيون بنيادي سهولتون فراهم ڪري سگهجن اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون بابر خان نظاماڻي، ايڪسيئن پبلڪ هيلٿ صدام حسين سري، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي حسنين رضا ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند اسد ڪريم سومرو اسسٽنٽ انجنيئر پبلڪ هيلٿ ڪوٽڙي رفيق ڪلهوڙو سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 13 ڪري چڙيا

چيلهار پوليس حوالي ڪيو جتي چيلهار پوليس مٿس ڪيس داخل ڪري ورتو آهي . چيلهار واسين پاران ڳوٺ بجل مؤهو ۽ آسار جي ڏڪرن جي اهڙي عمل جي سارا ههاءِ ڪئي آهي . جڏهن ته معلوم ٿيو آهي ته شڪارين جو اهو ٽولو ٿر ۾ هرڻن جو شڪار ڪري عمرڪوٽ ۾ وڪرو ڪندو آهي .

بقايا 14 جي دعويٰ

ميرائي کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن ته ٻي ڪارروائي دوران شهري محمد اسماعيل راجپوت ڪان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل برآمد ڪري ڪيس واپس حوالي ڪئي وئي آهي. گرفتار جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 15 احتجاجي ڌرڻو

جي سينئر صحافي قاضي شمس بانيڻ جي گهر تي هٿياربندن جي ڪيل حملي ۾ سندس بن پٽن نياڻي ، ڀيڻن پاڻرن سميت 9 ڄڻن کي زخمي ڪرڻ واري واقعي خلاف يونين آف جرنلسٽ پي ايف يو جي ، ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي طرفان پريس ڪلب کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان آڏو ڌرڻو هنيو ويو ، احتجاج ۾ شامل پريس ڪلب جي صدر غلام نبي ڪيريو ، يونين آف جرنلسٽ پي ايف يو جي صدر رمضان شوري پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري مظفر رند، سينئر نائب صدر محمد صديق چيهي، عبدالحفيظ ميمڻ ، شعيب ڪيريو ، اريس ملاح ساحل ايازي غلام مصطفيٰ ڪاتيان اشرف عمراڻي، بشير چشتي ، صحافي نور حسن باگڙائي پير بخش عبدالقادر ڪوريجو اڪبر مگنهار جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي پير احمد سعيد جان سرهندي، شهري اتحاد جي صدر نورحسن ڪوڪ تحريڪ انصاف جي سعود فاروقي، ڪامران جانوري، سماجي اڳواڻ زاهد جسڪاڻي، سنڌ نيشنل پارٽي جي دودو هاليپوٽو ، جسقم بشير قريشي جي گلشير ڪولاچي، جاويد هاليپوٽو، جسقم جي پيو ذوالفقار پرڳڙي ، رضا پرهياڙ ، قومي ڪارڪن ڏوهيب جماڻي ۽ ٻين چيو ته مويا ڦاٽي جي حد ۾ سينئر صحافي قاضي شمس بانيڻ جي گهر تي هٿيارٻندن جي ڪيل ڪاهه حملي ۾ سندس بن پٽن ، نياڻي ، ڀينرن ، پاڻرن کي ڪهاڙين ، لٺين ، لوهي سيڪن سان قاتلاڻو حملو ڪري زخمي ڪرڻ وارو واقعو انتهائي افسوسناڪ ڏکوئيندڙ واقعو آهي جنهن ۾ حڪمران ڌر جي يونين ڪائونسل مويا جي وائيس چيئرمين مشتاق بانيڻ جي موجودگي ۾ سندس چوڻ تي حملي آورن تشدد جو واقعو پيش ڪري ڪيو ظلم زيادتي ڪئي آهي مويا پوليس بااثر ماڻهن جي مداخلت تي واقعي بابت ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ ڦاٽي تي ويل زراعت ڪاٽي جي رڪائڻ 19 ڪريڊ جي آفيسر سندس وڏي ڀاءُ قاضي عبداللطيف بانيڻ کي زخمي حالت باوجود ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڪيس حراست ۾ وٺي ڇڏيو جنهن کي غيرقانوني 107 جي قلم تحت پاڻ وٽ لاڪپ ڪري ڇڏيو جيڪا انصاف سان ناانصافي ڪئي وئي آهي بعد ۾ عدالت سڱوري ڪيس باعزت آزاد ڪري ڇڏيو آهي پر پوليس بااثر ماڻهن جي ونگاري وارو ڪردار ادا ڪيو آهي ، صحافين سول سوسائٽي ۽ سياسي سماجي قوميرست جي پرامن احتجاج دوران پوليس جي اهلڪارن مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو ، جنهن ۾ ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ۽ قاضي شمس بانيڻ جي ڳوٺ پرسان پوليس پڪٽ قائم ڪرڻ جا مطالبا تسليم ڪيا آهن ان جي باوجود وري ڪو به حملو ڪيو ويو يا پوليس ناانصافي ڪئي ته هاڻي طويل احتجاجي ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويندو .

بقايا 16 جو اعلان

پارٽي سينيئر وائيس چيئرمين فيض الله جوڻيجو جي ڪوٺايو ويو مقررين مرحوم علي احمد لاڪير جي قومي عوامي خدمتن تي روشني وڌي ۽ سندس جي جدوجهد تي ڪيس ڀيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي عبدالحميد لاشاري عبدالستار جهنجيال ڪامريڊ شمن سولنگي آفتاب چنه اياز علي لاڪير فقير صابر راڏڻ نديم خانزاده حاجي الطاف جانوري ايڊووڪيٽ اعجاز جانوري سڪندر جانوري زاهد آزاد سومرو معصوم بخاري بشير احمد لاڙڪ غلام اڪبر لاڪير منصور سومرو سرويچ لاڪير علي گوهر ساهڙ سرور سنڌيءَ بيا ڪيترائي ڳوٺاڻا ۽ علائقي واسي پڻ موجود هئا جن مرحوم جي قومي جدوجهد تي روشني وڌي ۽ سندس مرتئي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو

بقايا 17 احتجاجي مظاهرو

لڳيون شهرين احتجاج ڪري سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آن موقعي تي احسان سري، برڪت علي جويو عبدالغني ساريو نديم نثار احمد ،ممتاز علي ۽ ٻين شهرين چيو آهي ته ڪڪڙ ۽ ٻين ڪيترن ڳوٺن ۾ نشي آور زيڊ ايڪينهن سوپاريون سرعام وڪرو ٿي رهيو آهن هن زهر جي ڪاروبار کي ڪير به بند ڪرائڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نه وري منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي هئن وڌيڪ چيو ته زهر جو ڪاروبار ڪندڙن خلاف ڪارروائي چونڊ ٿي ڪئي وڃي جڏهن ته انتظاميا منشيات فروش واپارين جي ساٿاري بڻيل آهي جنهن سبب منشيات فروش بنا خوف جي زيڊ ايڪينهن سوپاريون سرعام وڪرو ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙن ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو ۽ ٻين اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ نشي آور زيڊ ايڪينهن سوپارين جو وڪرو بند ڪرايو وڃي ۽ زهر جو ڪاروبار ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 18 دعويٰ

جي اڳواڻي ۾ ڪارائي شاخ اچي مسجد ڪان قانوني ڪارروائي ڪندي هڪ منشيات فروش احمد خان عرف حاجن ڍڪڻ پٽ عدل ڍڪڻ کي مُبينه چار بوتل شراب سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهيان موقعي تي ايس ايڇ او ٻهڙو علي گوهر جويو ميڊيا کي بڌايو ته اسان ڏهارن ۽ منشيات فروش خلاف ڪارروائي تيز ڪري ڇڏي آهي ڏهارن ۽ منشيات فروش ڪي ڪٿهن به بخش نه ڪنداسين.

بقايا 19 جو اعلان

اٿڙ ٽنڊوباگو پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلزپارٽي پارٽي جي تنظيم ۽ پارٽي قيادت وٽ سڄڻ ڪارڪنن جي ڪابه اهميت نه رهي آهي پيپلزپارٽي پارٽي اڳي ڪارڪنن جي پارٽي هوندي هئي هاڻي پيپلزپارٽي وڏيرن جي پارٽي ٿي وئي آهي هن چيو ته هڪ ڪان پهرين ڳريڊ جي نوڪرين واري لسٽ ۾ منهنجي پٽ جو نالو شامل هو پر هن وقت منهنجي پٽ جو نالو لسٽ مان ڪٽيو ويو آهي پارٽي جي قيادت صرف وڏيرن جي خاص ماڻهن کي نوڪرين جا آرڊر ڏئي رهيا آهن هن چيو ته سومر ڏائين منهنجي پٽ کي نوڪري جو آرڊر نه مليو ته سومر ڏينهن ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال جو سلسلو شروع ڪندس هن اهو پڻ اعلان ڪيو ته هڪ هفتي بعد شهيد بينظير ڀٽو جي قبر اڳيان پاڻ کي باهه ڏئي ساڙيندس آخر ۾ هن آصف ڀٽو کي اپيل ڪئي ته پارٽي جي سڄڻ جيلون ڪاٽيندڙ ڪارڪنن جو قدر ڪيو وڃي

بقايا 20 بجاجز ڏاهراهه

انهن وحشي بگهڙن جي ورچڙهيل جنسي حراسمنٽ جو شڪار ٿي ان مان مايوس ٿي ان کي خوڪشي تي مجبور ڪيو ويو هي سنڌ جي نياڻي فهميدا زندا رهي هن وحشي بگهڙن سان ويڙهه ڪري هان دا وڙ تاريخي ڪردار ادا ڪري هان دا هو هڪ ان معالي ڪردار ٿي پوي هان اهڙي جدوجهد سان سنڌ جون ٻيون به نياڻيون ان بگهڙن کان خوفزادا نه ٿين هان پر اهو حراسمنٽ ٿي شهيد ٿي وئي آهي ان تي وڏو ڏک صدمو پهتو آهي اهڙن خيالن جو اظهار سينيئر ۽ پ پ يوٿ ڊويزن حيدرآباد صدر عاجز ڏاهراهه جون پ پ سياف شاگرد اڳواڻ شهيد رميز سهاڳ جي 16 هين ورسي جي موقعي جامشورو ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو فهميدا لغاري جي قتل ڪيس تي سنڌ حڪومت نوٽيس ورتو آهي ڪيس ۾ گهربل سمورا جوابدار گرفتار ٿيندا انهن کي سزا ضرور ملندي پر اڪثر مقتولن جي وارثن وٽ جا ميڙ منٽ پهچي ٿي ته هو خون معاف ڪيو ڇڏين ٿا جنهن سبب اهي قاتل سزا کان بچي وڃن ٿا هن چيو مان چاهيان ٿو شهيد نياڻي جي قاتلن کي گرفتار ڪري انهن کي ڦاهي جي سزا ڏني وڃي اسان ان نياڻي جي وارثن سان هر محاذ تي گڏ آهيون انهن جي هر ممڪن مدد ڪنداسين هن چيو پاڪستان پيپلز پارٽي جمهوريت لاءِ جان جي قرباني مک اڳواڻ ڏني آهي ته اسان جي نوجوان شاگردن ۾ به ڏني آهي شهيد رميز سهاڳ ڪنهن پاڻي جي واري تي ناهي ٿي پلاٽ جي قبضي پٺي خوري تان ناهي ٿي ان کي نظرين بنيادن تي پنهنجي پارٽي جي پرچار تان شهيد ڪيو ويو هو اسان کي شهيدرميز سهاڳ کي سياسي مخالفت جي سزا ڏيندي ڏينهن ڏٺي جو شهيد شهيد ڪيو ويو هو شهيد ڪڏهن وسرن ناهن اسان کي شهيد رميز هر وقت ياد آهي اڄ اسان ان بهادر شاگرد اڳواڻ جي ياد ۾ هتي گڏ ٿيا آهيون هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو آهي جامشورو شهر ۾ شراب خاني جي مان ڪوٽڙي ۾ ڪليل ڪچهري ۾ مخالف ڪئي هئي ان وقت صوبائي وزير سان ڳالهائي شراب خانو بند ڪرايو هو جڪڏهن اهو گنو وري کليو آهي ته مان هڪ پيرو بيهر شراب خانو بند ڪرائيندس ان موقعي تي پ پ سياف اڳواڻ منصور شاهاڻي هالار جمالي امجد سهتو وحيد سهاڳ وسيم سهاڳ ۽ بيا اڳواڻ موجود هئا هئا تقريب کي خطاب ڪيو

بقايا 21 جو افتتاح

عبدالڪريم سومرو ايم پي اي ۽ ضلعي جنرل سيڪريٽري خرم ڪريم سومرو جڏهن ته بي بي بي ضلعي صدر ۽ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن بلوڇ شاهه ڪريم نڪرجي قارم اسٽاپ کان ڪهور واهه روڊ ڏائين آباد گار شوگر مل لنڪ روڊ جي مرمت ۽ بحالي ايم ۽ آر منصوبي جو افتتاح ڪيس جيڪو لڳ ڀڳ 8 ڪلوميٽر تي پکڙيل آهي. جڏهن ته مجموعي منصوبي جي ڊيگهه 13.67 ڪلوميٽر بڌائي وڃي ٿي هن منصوبي سان علائقي جي آبادگارن ۽ عام مسافرن کي آمدرفت ۾ وڏي سهولت فراهم ٿيندي ان کان علاوه ڳوٺ الهيار ترڪ ۾ پڻ لنڪ روڊ جي مرمت ۽ خوبصورتي (تزئين ۽ آرائش) جو ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي، جيڪو ميل 0/0 کان 0/5 تائين 1 ڪلوميٽر تي مشتمل آهي مقامي رهواسين هن ترقياتي قدم کي ساراهيندي چيو ته روڊن جي بهتري سان سندن روزمره جي زندگي ۾ آساني پيدا ٿيندي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي پلاڳي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي کي اوليت ڏني آهي ۽ ضلع ٽنڊو محمد خان ۾ ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري رهندو هنن وڌيڪ چيو ته روڊن جي تعمير ۽ مرمت سان نه صرف ٽرانسپورٽ جو نظام بهتر ٿيندو پر علائقي جي معيشت تي به مثبت اثر پوندو تقريب جي آخر ۾ علائقي واسين پاران اڳواڻن جو ٿورائتو اظهار ڪيو ويو ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته اهڙا ترقياتي منصوبا مستقبل ۾ به جاري رهندا.

بقايا 22 ٻڪري سري وئي

۾ گهرن کي اوچتو باهه لڳڻ سبب ڇهنو ولد بصر بصر ولد منگل ڪانجي ولد مولو ۽ هڪ بيواهه ڦولان زال گلو جا ڪل ست جونڙا ۽ ٽي لاڳيون سڙي ويا ۽ هڪ ٻڪري پڻ سڙي سري ويئي، ان کان سواءِ هڪ مرد ۽ هڪ عورت باهه ۾ سڙي زخمي ٿي پيا جن جو علاج جاري آهي. جڏهن ته گهرن ۾ پيل سمورو اٺ تلو ۽ اناج وغيره پڻ سڙي ويو. متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن.

بقايا 23 اجتماع

ڪارڪنن علماءِ ڪرام ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجتماع دوران علماءِ ڪرام پنهنجي خطابن ۾ اسلام جي حقانيت، سيرت نبوي ﷺ ۽ ديني تعليمات جي اهميت تي تفصيلي روشني وڌي. مقررن چيو ته دين اسلام هڪ مڪمل ضابطہ حيات آهي جيڪو انسان جي انفرادي، اجتماعي، معاشرتي ۽ اخلاقي زندگي جي هر پهلو ۾ مڪمل رهنمائي فراهم ڪري ٿو ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ممڪن آهي اجتماع کي خطاب ڪندڙن ۾ مولانا شيخ الحديث محمد صالح الحداد، مولانا محمد اسماعيل قاسمي، مولانا غلام حسين ميمڻ، مولانا خان محمد پلاڻ، مولانا محمد عيسيٰ سمون، مولانا گل حسن ڏنور ۽ مولانا عبدالرزاق ڪٽي سميت بيا علماءِ ڪرام شامل هئا، جن ديني قدرن جي واڌاري، اسلامي تعليمات جي ترويج ۽ معاشري جي سڌاري جي ضرورت تي زور ڏنو اجتماع جي پڄاڻي تي مرحوم محمد اسماعيل سومرو جي ايصال ثواب لاءِ خصوصي دعا گهري وئي جڏهن ته شرڪت ڪندڙن لاءِ وڏي پيماني تي طعام جو پڻ اهتمام ڪيو ويو.

بقايا 24 احتجاجي ڌرڻو

دير تائين مکي صورت مل جي اڳواڻي ٿاڻي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو هو مکي صورت مل ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايس ايڇ او عبدالمجيد سڌايو جڏهن کان سوراهه ٿاڻي تي مقرر ٿيو آهي تڏهن کان چونڊڪي شهر ۾ هندو برادري جي واپارين کي موت مار ڌمڪيون ڏيڻ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ پيو نه ڏيڻ سبب گذريل رات واپاري راڪيش ڪمار کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪيو جنهن بعد ڪيس لاڪ اپ ۾ سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو هن بڌايو ته ايس ايڇ او عبدالمجيد سڌائي مظاهرين کي چيو ته اوهان جي گرفتار واپاري راڪيش ڪمار کي آزاد ڪيو ويندو هو اهو بيان ڏي ته مسمات تجي ملاح چونڊڪي شهر ۾ نشي آور سوپاريون مين پڙيون ۽ بيون شيون وڪرو ڪندي آهي هن بڌايو ته تجي ملاح ۽ هڪ وڏيري جي ورچ ۾ جهيڙو هلندڙ آهي پوليس اڳ ۾ ملاح برادري جا 25 کان وڌيڪ گهر ڊاهي پٽ ڪيا آهن جن کي وڏيري قبضو ڪيو آهي جڏهن ته ايس ايڇ او وڏيري جو وانگار ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي تشدد جو نشانو بڻائيندو رهي ٿو هن ۽ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سڪر کان گهر ڪئي آهي ته هو ذاتي طور تي انڪوائري ڪرائي ته ايس ايڇ او جون هندو برادري سان ٿيندڙ زيادتين جا ثبوت سامهو اچي ويندا بي طرف هندو پنچائيت جو وفد حر جماعت جي روحاني پيشوا پير پاڳاري سان جلد ملاقات ڪري سڄي صورتحال بڌائيندا ۽ پير صاحب کي اپيل ڪندا ته چونڊڪي ۾ هندو برادريءَ سان جيڪي زيادتيون ٿيون ٿيون ان جو نوٽس وٺي ۽ هندو پنچائيت جو وفد هندو برادريءَ جي ڪراچيءَ ۾ هندو برادريءَ جي مکين سان پڻ ملندو ۽ انهن کي هندو برادريءَ سان ٿيندڙ زيادتين متعلق آگاهه ڪندا بي طرف سکهي صورت مل وزير اعظم پاڪستان ، صدر پاڪستان ۽ وزير اعلي سنڌ کي اپيل ڪئي آهي ته چونڊڪو ۾ هندو برادريءَ سان ٿيندڙ زيادتين جو نوٽس وٺن بي طرف مکي صورت مل قومي اسمبلي ۽ سينيٽ جي ميمبرن کي اپيل ڪئي ته چونڊڪو واقعي کي قومي اسمبلي ۾ کنيو وڃي ۽

اصل حقيقتون سامهون اچي وينديون هن خيرپور پوليس تي پڻ بي اعتمادي ظاهر ڪندي اعلي سطحي انڪوائري جو مطالبو ڪيو

بقايا 25 ڪيڻ ويون

بيماري ۾ مريض سان عيادت ڪئي بعد ۾ هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي ۾ پوليو مهم شروع ٿي چڪي آهي ۽ منڪي پاڪس جهڙي ويا جي خطري سبب ڏينهن رات گڏجي اسان سيني کي محنت ڪرڻي پوندي، صحت کاتي سنڌ جي اختيارين پاران مليل هدايتن تحت آءِ پاڻ هر تعلقي ۽ هر يونين ڪائونسل جو دورو ڪندو ۽ عملي کي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ته ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي، عوام جي صحت جي تحفظ لاءِ سموري عملي کي ايمانداري ڏميواري ۽ لگن سان پنهنجون ڏميواريون نڀائڻيون پونديون غير حاضر رهندڙ ملازمن کي فوري طور تي برطرف ڪيو ويندو

بقايا 26 علي زرداري

پاڪستان آصف علي زرداري جي مفاهتي پاليسن سبب ملڪ ۾ جمهوريت جو تسلسل آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت سدائين آئين حڪمراني قانون جي بالادستي ۽ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي آهي جنهن لاءِ بي بي بي وڏيون قربانيون ڏنيون آهن هن چيو ته بناڪنهن فرق جي عوامي خدمت جو عمل جاري آهي پ پ اڳواڻ عاشق علي زرداري نيشنل پريس ڪلب پهچڻ تي صدر شبير ملاح، الطاف سولنگي، وحيد ميمڻ طاهر جوکيو فياض سولنگي غفور علي غلام نبي محمد عثمان صحافي سليم ملاح، ممتاز ملاح، سماجي اڳواڻ اسد ملاح نويد ملاح ۽ بين عاشق زرداري جي آجيان ڪئي ان کان اڳ پ پ پ اڳواڻ مرحوم هوت خان مگريو جي ايصال ثواب لاءِ مگريا هائوس تي رٿيل تقريب ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 27 بند هڙتال

ڪري اڄ سيراٽي جي واپارين شهرين سماجي ڌرين پاران شهر شٽر بند هڙتال ڪري سوين ماڻهن شهر جي مک پل ميرواهه موري تي پنج ڪلاڪ ڌرڻو هٽي انتظاميه خلاف ڇتي نعري بازي ڪئي بدين ڪيٽي پڪڙائيسمٽ روڊ بند گاڏين جو قطارون لڳي ويون انهي موقعي تي واپارين ۾ حاجن شاهه،صالح رند،صدام منڊرو،مرتضي شاهه،حاجي ستار منڊرو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته سيراٽي شهر ۾ چورين جو آزار روڙ جو معمول بڻجي ويو آهي پوليس ڪک چٽي بيٺو نه ڪيو آهي گذريل رات سيراٽي شهر جي واپاري حاجن شاهه جي دوڪان کي پراسرار نموني باهه لڳي هئي اسان بار بار ضلع انتظاميا،بدين اي سي بدين سميت فاريرگيڊ گاڏي لاءِ فونون ڪيون مگر ڪنهن به نه بڌو اهيو چيو ويو ته گاڏين جا ٽائر پنڪچر آهن تيل ناهي جنهن ڪانپوءِ چار ڪلاڪن پوءِ گاڏي پهتي تيستائين سڀ ڪجهه سڙي ختم ٿي چڪو ڪروڙين روپين جي ماليت جو سامان سڙي رک ٿي ويو وڌيڪ هنن چيو ته سيراٽي شهر ۾ بدامني چورين موٽرسائيڪلن جي ڦر عام آهي رات به سيراٽي شهر ۾ نامعلوم چور ڪئيبن لوڙي هزارين روپين جو سامان بهاري ويا انهي موقعي تي ضلع ڪائونسل بدين جو وائس چئيرمين فداحسين منڊرو اي سي بدين راجيش ڪمار،چئيرمين سيراٽي اصغرعلي چانڊڪ ،ٻاايس ايڇ او بدين پاران ڌرڻي هٽندڙ واپاري اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري واپارين کان بن ڏينهن جو ٽائيم وٺي ڌرڻو ختم ڪرايو

بقايا 28 ڊي سي

ملندڙ سالي سهمتا 30 هزار روپين مان وڌائي 41 هزار روپيا ڪئي وئي آهي شڪيل احمد ابڙو ڊي سي شڪارپور ضلعي شڪارپور جي 31 صحت مرڪزن تي اها سهولت موجود آهي جتي اهل عورتن ۽ ٻن سالن تائين ٻارن جي داخلا ڪئي پئي وڃي ضلعي ۾ 51 هزار عورتون پروگرام ۾ شامل ٿي چڪيون آهن ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر زاهد حسين ڏهوٽ تفصيل موجب سنڌ حڪومت جي ممتا پروگرام بابت شڪارپور ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر آفيس شڪارپور ۾ ٿي گڏري جنهن جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو چيو ته ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي بهتري لاءِ "ممتا پروگرام" هڪ جامع ۽ بهترين پروگرام ثابت ٿي رهيو آهي ممتا پروگرام ۾ واڌو ضلعن جي شامل ٿيڻ ۽ سالي سهائتا ۾ اضافو پروگرام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو ضلعي انتظاميا پروگرام جي ڪاميابي لاءِ تمام گهربل قدم کڻي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته ممتا پروگرام جي ڪاميابي لاءِ سمورا اسٽيڪ هولڊرز اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن گڏجاڻي ۾ سنڌ

حڪومت جي ممتا پروگرام بابت ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر زاهد حسين ڏهوٽ پروگرام متعلق تفصيلي بريفنگ ڏيندي بڌايو ته سنڌ حڪومت پاران ممتا پروگرام ۾ وڌيڪ ست ضلعا شامل ڪري پروگرام جو دائرو 22 ضلعن تائين وڌايو ويو آهي جنهن سان 22 ضلعن سان تعلق رکندڙ اهل عورتون ڪنهن به ضلعي ۾ پنهنجي داخلا آساني سان ڪرائي سگهنديون ان سان گڏوگڏ ممتا پروگرام ۾ داخل عورتن کي ملندڙ مالي سهائتا پڻ 30 هزار روپين مان وڌائي 41 هزار روپيا ڪئي وئي آهي ممتا پروگرام جي ضلعي ڪوآرڊينيٽر زاهد ڏهوٽ چيڪ بڌايو ته ضلعي شڪارپور جي 31 صحت مرڪزن تي هن وقت ڏائين 51 هزار عورتون پروگرام ۾ شامل ٿي چڪيون آهن جيڪي پاليسي موجب مالي سهائتا پڻ حاصل ڪري رهيون آهن ملندڙ مالي سهائتا مان ڪنهن به قسم جي ڪٽوتي يا پروگرام متعلق شڪايت جي صورت ۾ هيلپ لائن 1054 تي پڻ شڪايت ڪري سگهجي ٿي گڏجاڻي ۾ نادرا ۽ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ کي ممتا جي ڪلائنٽس کي ترجيحي بنيادن تي سروس مهيا ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ تمام اسسٽنٽ ڪمشنرز ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ، ڊسٽرڪٽ مينيجر بي بي ايچ آئي اين اسٽاپ ڊبليو ايچ او نادرا جي نمائندن آر ايم اين سي ايچ فوڪل پرسن اي پي آئي ڊپٽي ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ سرسو ڪوآرڊينيٽر ۽ بيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا 29 چٺوفوٽ

ٿي پيو جنهن کي ٽنڊوآدم جي خانگي اسپتال ۾ آندو ويو جتان ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ايل ايم يو اسپتال حيدرآباد نيو پٺي ويو ته هو زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو بعد ۾ ڪيس تعلقا اسپتال آندو ويو اطلاع ملڻ تي بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس اسپتال پهچي تفصيل معلوم ڪيا بعد ۾ ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف فوتي جي وارثن ڪابه قانوني ڪارروائي نه ڪرائي جڏهن ته وارثن چنگچي رڪشا ڊائيور کي معاف ڪري ڇڏيو فوتي جو لاش جڏهن گهر پهتو ته ڪهرام مچي ويو.

بقايا 30 احتجاج

سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪن عامر ميمڻ لال دانش فاضل خاصخيلي عبيد ميمڻ عزيز سومرو ڪاڻديرو خاصخيلي قربان خاصخيلي پاران پريس ڪلب صوفي شاهه عنايت شهيد جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي هنن چوڻ هو ته ڏڙو ٿاڻي جي ايس ايڇ او حاڪم ڪوسي رات ڳوٺ ويندڙ ڪارڪن فاضل خاصخيلي کي بنا ڪنهن سبب ڏوهه جي گرفتار ڪري بلورو ٿاڻي تي لاڪپ ڪرائي ڇڏيو هن ڪارڪن جي تذليل ڪئي آهي اسان انهي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي اپيل ڪريون ٿا ،

بقايا 31 خلاف احتجاج

پريس ڪانفرنس ڪندي انصاف جو مطالبو ڪندي چيو ته انور برفت ڪيترن ئي مهينن کان اسان کي مسلسل حراسان ڪري رهيو آهي هن الزام هنيو ته انور برفت منهنجي مرحوم مڙس نواز برفت جي ملڪيت تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪين مارڪٽ ڪري گهر سان زبردستي باهر ڪيڏي ڇڏيو جڏهن ته بيواهه نواز برفت موجب،مان پنهنجي نياڻيءَ جو رشتو پنهنجي مرضي سان ڪرڻ چاهيان ٿي ، جنهن تان جوابدارن ناراض ٿي مونکي مختلف بهانن سان تنگ ڪري رهيا آهن هن چيو ته مان پنهنجي نياڻين سان گڏ ڪافي عرصي کان دربدري واري زندگي گذاري رهي آهيان ۽ اسان کي سيشن ڪورٽ ۽ سول ڪورٽ ۾ درخواستون ڏئي ڪري به حراسان ڪيو پيو وڃي هن وڌيڪ بڌايو ته انور برفت پنهنجي چاچي دلمراد، راشد برفت، گل بانو برفت ۽ ٻين سان گڏجي ڪين جان سان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي بيواهه نواز برفت چيو ته سندس مرحوم مڙس جي ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ هن سان ناانصافيون ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته سندن دڪانن جو ڪرايو به جوابدار قبضي ۾ ڪري ورتو آهي جيڪو سندن گذاري جو واحد ذريعو آهي . هن چيو ته ڪيترين ئي هنڌن تي دانهون ڪوڪن جي باوجود ڪيس انصاف نه ملي سگهيو آهي جنهن ڪري سان سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيان هن اعلي اختيارين پوليس ۽ اعليٰ ادارن کان اپيل ڪئي ته ڪيس ۽ سندس نياڻين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڪين انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 32 چونڊ سڙي رک

وغيره گهرن ۾ پيل سموري سامان جنهن ۾ ڪنون هنڌ بسترا ڪپڙا روڪ رقم سون ۽ چانڊي جا زيورات دڪان ۾ پيل سامان ۾ بڪريون ۽ انهن جا ٻي ننڍا ڦر سڙي ويا ڳوٺاڻن پاران باهه تي وڏي مشڪل سان ضابطو آندو ويو . ياد رهي ته ٿر ۾ باهه جا واقعا آئي ڏينهن ٿيندا رهن ٿا پر سرڪار پاران فائربرگيڊ جون گاڏيون هڪ ته گهٽ آهن جنهن کي ڏوراهين علائقن ۾ پهچڻ ۾ وقت لڳيو وڃي تيستين باهه جي ليبيٽ ۾ ايندڙ سمورا پونگا رک جي ڍير ۾ بدلايو ڇڏي .

بقايا 33 مظاهرو

نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي هنن چيوته تعليم کاتي جهڙن ادارن ۾ نياڻيون غير محفوظ بڻيل آهن نياڻي کي حراسمنٽ ڪري انهن کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو اهڙي عمل ۾ جيڪو به ملوث هجي ان خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي هنن چيوته نياڻين وارن واقعين ۾ ملوث اهڙن ڪردارن کي ڪلي عام ڦاهي ڏني وڃي ته جيئن آئنده اهڙو مسئلو نه ٿئي ۽ استادن هٿان حراسمنٽ ٿي ڪا نياڻي خودڪشي نه ڪري هنن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر فهميده لغاري واري واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 34 احتجاجي مظاهرو

ڊاڪٽر فهميده لغاري سان پيش آيل افسوس ناڪ واقعي خلاف ريلوي اسٽيشن کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا محمدي چوڪ تي جلسي جي صورت اختيار ڪري ريلي ۾ ڪارڪنن سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي جسقم ضلعي صدر منور نوحاڻي ۽ ايس ٽي پي ضلعي صدر پرويز نوحاڻي ،ڪاڪا نهڙيو ،ڏارو نوحاڻي ،خوشحال ميگهواڙ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ميڊيڪل ڪاليجون نياڻين لاءِ درسگاهون نه پر مقتل گاهه بڻيل آهي جڏهن ته چاڻايل محمد ميڊيڪل ڪاليج ۾ اهڙا واقعا اڳ به ٿيا آهن جنهن ۾ نياڻين کي پريشان ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته فهميده لغاري هڪ بهادر ۽ هوشيار شاگرديائي هئي جنهن کي اتي مقرر پروفيسر عابد لغاري ۽ سندس گروپ پاران مختلف طريقن سان حراسان ڪري بليڪ ميل ڪن ٿا نياڻي کي ايترو تنگ ڪيو هن تنگ ٿي پنهنجي زندگي جو انت آندو نياڻيون ڪاليجن ۾ پڙهڻ وڃن ٿيون پر لاش ملن ٿا ان واقعي ۾ جيڪي ملوث جوبدارن کي سخت ۾ سخت سزا ڏني وڃي

بقايا 35 محمد اسماعيل

اعلان ڪيو آهي ان سلسلي ۾ سنڌي هاري تحريڪ، سنڌ هاري پورهيت ڪميٽي، هاري جدوجهد، پاڪستان ڪسان تحريڪ جي اڳواڻن فيض ڪيريو غلام مصطفي چانڊيو ايڊووڪيٽ محمد اسماعيل ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ پ پ زراعت کي هٿ وٺي تباهه ڪري رهي آهي پ پ حڪومت هارين کي بنيادي سهولتون ڏيڻ بدران ڪينسسي ايڪٽ ۾ سڌارن واري هائي ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪري ڇڏي آهي جيڪا سراسر هاري دشمني جو ثبوت آهي. هنن چيوته تازو آرسا 1991واري ڏاهه بدران غيرقانوني ۽ غيرآئيني 3رخي فارمولي تحت پاڻي فراهم ڪرڻ وارو فيصلو سنڌ سڪائڻ جي سازش آهي. سنڌ ۾ اڳئي وڏن جاگيردارن ۽ پوترن پاران پاڻي تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن جنهن سبب پڇڙي جون لکين ايڪڙ زمينون سڪي ڏوڙ ٿي ويون ۽ ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور آهن. هنن چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ هارين ۽ آبادگارن جي ڪا به نمائندگي ناهي فقط 3وڏن جاگيردارن جا نمائندا اسيمبلي ۾ ويٺل آهن. هنن سنڌ حڪومت پاران جاري ڪيل هاري ڪارڊ جو ذڪر ڪندي چيو ته هاري ڪارڊ جي آڙ ۾ پ پ حڪومت فراڊ ڪري رهي آهي هاري جي حاصلات لاءِ زمين جو 7فارم لاڙم قرار ڏنو ويو آهي هارين وٽ ته زمين جي مالڪي ئي ناهي ان ڪري هارين جي جلد رجسٽريشن ڪري اهل هارين کي هاري ڪارڊ جاري ڪيو ته موجوده هاري ڪارڊ سان هارين کي ڪو به فائدو نه آهي آبادگار ۽ زميندار هاري ڪارڊ جو جاري ڪري جي ڪو به فائدو نه ڏيندا بلڪي پاڻ فائدو وٺندا. هنن چيو ته هاري حقن لاءِ 17اپريل تي سموري سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا 36 احتجاجي مظاهرو

وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا ڪورواهه واهه ڪان شهر جي مک چوڪ تائين پهتي، جتي ڌرڻو هنيو ويو ريلي ۾ جي يو آءِ پي ٽي آءِ عوامي تحريڪ، قومي عوامي تحريڪ، سرڙا گروپ سميت مختلف سياسي ۽ سماجي ڌرين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا ۽

حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڪورواهه شهر جو ڊرينيج سسٽم مڪمل طور ناڪارا ٿي چڪو آهي جنهن سبب هر سال برسات دوران سڄو شهر ٻڏي وڃي ٿو پر حڪمرانن طرفان ڪو به سنجيده قدم نه کنيو ويو آهي امير آزاد پهنور چيو ته شهر جون گهٽيون ۽ باءِ پاس روڊ تباهه ٿي چڪا آهن ۽ هلڻ جي قابل ناهن رهيا، حڪومت کي هاڻي اک کولڻي پوندي حافظ عباس علي شاهه ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته ڪورواهه ڪان ڪورواهه چوڪ تائين روڊ سخت خراب حالت ۾ آهي جڏهن ته پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ به بنيادي سهولتن جي سخت ڪوٽ آهي جنهن سبب عوام کي شديد تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو احتجاج ڪندڙ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته شهر جي ڊرينيج سسٽم روڊن ۽ ٻين بنيادي مسئلن کي فوري طور حل ڪيو وڃي بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 37 احتجاجي مظاهرو

گڏو استاد الهداد خاصخيلي مدد علي سمون منثار مستانو روشن سمون ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن چيو ضلعي متياري جي ڪبير شهر جي پرسان ڳوٺ جمع شهوڪ ۾ غريب مگنهار برادري جي 50 کان مٿي گهرن کي مسمار ڪري با اثر ماڻهو قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ڪافي تعداد ۾ مردن عورتن ٻارڙن کي گهرن کان بي دخل ڪيو ويو آهي جيڪي کلي آسمان هيٺ ويٺل آهن مگنهار برادري هن ڳوٺ ۾ سالن کان ويٺل آهي هاڻي هڪ با اثر شخص انتظاميه ۽ پوليس جي مدد سان قبضو ڪري اسان جا پلاٽ ڪيائڻ چاهي ٿو اهو عمل برداشت نه ڪيو ويندو هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪمشنر حيدرآباد ۽ متياري ضلعي جي انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته مگنهار برادري جا گهر ڊاهڻ ۽ قبضو ٿيڻ کان بچايو وڃي اسان سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سنڌ ليول تي ڪيو ويندو فنڪار برادري سرايا احتجاج بڻجي ويندي

بقايا 38 روڊ بلاڪ

هاءِ وي تي لڳايل ڌرڻو اڄ به جاري آهي ڌرڻي سبب روڊ بلاڪ ٿي ويو ۽ سوين گاڏيون بيهجي ويون فهميده لغاري جي آپگهات ڪيس ۾ انصاف لاءِ نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي شاگردن جو چوڻ آهي ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ نياڻين کي هيسائڻ جا واقعا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن نتيجي ۾ شاگرديائيون آپگهات ڪرڻ تي مجبور آهن هاڻي درسگاهن مان اسان کي لاش ملڻ لڳا آهن جيڪو عمل برداشت ڪرڻ جوڳو ناهي هنن مطالبو ڪيو ته شاگرديائي فهميده واري واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ڌرڻي دوران ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو ايس ايڇ او امتياز لاڙڪ ون فائيو انچارج حامد اوڍو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي ۽ ٻين شاگردن سان ڳالهيون ڪري روڊ کولرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر شاگردن ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي گذريل 24 ڪلاڪن کان لڳل ڌرڻي سبب هزارين مسافر سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته گاڏين ۾ لوڊ ٿيل ڀاڄيون، فروٽ توڙي ٻيو ڪاڏي پيتي جو سامان سخت گرمي سبب خراب ٿي رهيو آهي ٻئي طرف جامشورو شهر جي مک چوڪ وٽ جامشورو_سيوهڻ انڊس هاءِ وي روڊ تي جسقم طرفان ديدار شاهه رياض ناريجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميرپورخاص واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين مطالبو ڪيو ته شاگرديائي فهميده کي هيسائڻ ۽ آپگهات تائين ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري سندس خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 39 جو مظاهرو

لڳو ۽ هيوي ٽريفڪ گاڏين گرمي ۾ ڦاٿل رهيون، جتي جي خدشي سبب نيٽ گاڏي ڊرائيورن ٽرانسپورٽرين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ڊرائيورن جو چوڻ هو اسان گذريل رات ڪان هتي ڦاٿل آهيون گاڏين ۾ لوڊ سامان فروٽ سبزي خراب ٿي وئي آهي جڏهن ڪوئلي جي لوڊ گاڏين شديد گرمي ڪري گاڏين کي باهه لڳي سگهي ٿي هنن چيو جلد ڌرڻو ختم ڪرايو وڃي ته جيئن اسان پنهنجي روڻن ڏانهن روانا ٿي رهون

بقايا 40 هنيو ريو

ڊاڪٽر فهميدا لغاري کي حراسمنٽ ڪري آپگهات ڪرڻ واري واقعي خلاف جسقم شهيد بشير قريشي جي سڏ تي ديدار شاهه رياض ناريجو جي اڳواڻي سيوهڻ روڊ تي پل جي هيٺان ڌرڻو هنيو ويو حراسمنٽ ڪري آپگهات ڪرڻ تي مجبور ڪندڙ استاد خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو

TENDER NOTICE

عزم استحڪام

NO: TN/PROC/2526/0021,0022 & 0022

1. Sealed Tender(s) are invited from registered reputed manufacturers/suppliers/authorized agents for supply of the following items:

Tender No.	S. No	IT Ref No.	Item Name	Tender Basis	Tender Fee (Rs)	Submission Date
0021/ISB	1.	ISB/LIT/24241211/2526/292	AIR CONDITIONER	FOR	1,000	28-04-2026
	2.	ISB/LIT/24241211/2526/532	TREATMENT CHEMICAL (LIQUID)	FOR	2,000	28-04-2026
	3.	ISB/LIT/24241111/2526/750	GLOVES, SIREN	FOR	1,000	28-04-2026
	4.	ISB/LIT/24241211/2526/932	UPS BATTERY	FOR	2,000	28-04-2026
	5.	ISB/LIT/22101316/2526/980	GPS	FOR	2,000	28-04-2026
	6.	ISB/LIT/22101316/2526/1012	FIRE SUPPRESSION SYSTEM	FOR	3,000	28-04-2026
0021/KHI	1.	HQ/LIT/29171112/2526/200	COMPUTER	FOR	2,000	28-04-2026
	2.	HQ/LIT/20111212/2526/897	MICROWAVE LAMINATE	FOR	2,000	28-04-2026
	3.	HQ/LIT/101314/2526/902	ENVELOPE	FOR	2,000	28-04-2026
	4.	HQ/LIT/242312/2526/910	HEAD LAMP, HARNESS, HAT	FOR	1,000	28-04-2026
	5.	HQ/LIT/24231214/2526/970	CONDENSER	FOR	3,000	28-04-2026
	6.	HQ/LIT/20161412/2526/987	PHOTOSTAT PAPER	FOR	1,000	28-04-2026
	7.	HQ/LIT/20161412/2526/988	BIB COCK, FLEXIBLE CONNECTION, WASTE PIPE, HEAD, BOTTLE TRAP	FOR	1,000	28-04-2026
	8.	HQ/LIT/24231211/2526/989	GLASS, BOWL, CUP, JUG	FOR	1,000	28-04-2026
	9.	HQ/LIT/24231211/2526/990	LOCK, LOCK	FOR	1,000	28-04-2026
	10.	HQ/LIT/30101111/2526/991	BAR, PLATE, SHEET	FOR	5,000	28-04-2026
	11.	HQ/LIT/24131514/2526/999	COMPUTER, COMPUTER, LED MONITOR	FOR	2,000	28-04-2026
	12.	HQ/LIT/24131513/2526/1000	CABINET	FOR	1,000	28-04-2026
	13.	HQ/LIT/30101111/2526/1001	HERMETIC PANS, HERMETIC LIDS, LIDS WITH PIN HOLES, PLATINUM PANS	FOR	3,000	28-04-2026
	14.	HQ/LIT/30101111/2526/1002	HELICOIL INSERTING TOOL	FOR	1,000	28-04-2026
	15.	HQ/LIT/30101111/2526/1003	HELICOIL EXTRACTING TOOL	FOR	1,000	28-04-2026
	16.	HQ/LIT/22121512/2526/1004	SPECTROPHOTOMETER	FOR	3,000	28-04-2026
	17.	HQ/LIT/22121311/2526/1005	IONOSONDE	FOR	5,000	28-04-2026
0022/LHR	1.	LHR/LIT/20151011/2526/981	COMPUTER, LED MONITOR	FOR	5,000	28-04-2026
	2.	LHR/LIT/20151011/2526/982	COMPUTER, LCD	FOR	4,000	28-04-2026
	3.	LHR/LIT/20151011/2526/992	CABLE ASSEMBLY	FOR	3,000	28-04-2026
	4.	LHR/LIT/20151011/2526/993	CABLE, CABLE	FOR	1,000	28-04-2026
	5.	LHR/LIT/20151011/2526/994	MODULE, MODULE	FOR	2,000	28-04-2026
	6.	LHR/LIT/20151011/2526/995	HARD DRIVE	FOR	4,000	28-04-2026
	7.	LHR/LIT/221215/2526/996	WEATHER STATION	FOR	4,000	28-04-2026
	8.	LHR/LIT/20151011/2526/997	INDUSTRIAL SYSTEM	FOR	5,000	28-04-2026
	9.	LHR/LIT/221215/2526/998	GENERATOR SET	FOR	3,000	28-04-2026
	10.	LHR/LIT/20151011/2526/1006	LICENSE	FOR	3,000	28-04-2026
	11.	LHR/LIT/20151011/2526/1007	TUBE, TUBE	FOR	3,000	28-04-2026
	12.	LHR/LIT/20151011/2526/1008	PRINTER, SCANNER, COMPUTER, LED MONITOR	FOR	3,000	28-04-2026
	13.	LHR/LIT/221215/2526/1009	PM2.5 INLET, MAINTENANCE KIT	FOR	4,000	28-04-2026
	14.	LHR/LIT/20151011/2526/1010	IP CAMERA	FOR	2,000	28-04-2026

2. Tender documents can be downloaded by registered suppliers/firms from our website www.eproc8402.com and offers can be submitted in the light of guidelines provided therein. Technical & Financial Offers may please be submitted at the addresses given/ mentioned at page no. 1 of the IT. Please fill the Tender document duly signed & stamped along with covering letter on your firm Letter-Head. Please note that Buyer does not sell hard copies of the Tender documents, unless specified so.
3. Proposals/Bids/Offers must be submitted on the given submission date against tender latest by **1400 hours. The opening of bid(s) will be carried out at 1430 hours on the respective submission date.**
4. Tender Notice is also available at PPRA website www.ppra.org.pk.
5. The organization reserves the right to reject all bids under proviso provided under rule No. 33 of PPP Rules, 2004.
6. Incomplete, conditional, ambiguous or doubtful Proposals/Bids/Offers will not be considered.
7. All bidders shall abide by the Terms & Conditions attached with the tender form.
8. For any queries please contact on Phone No: 92-21-99241765-79 Ext: 2816, 2809.

Note: Please submit the Tender fee through our MCB online account (Account details are available on our website) from any online MCB branch in Pakistan and attach its original receipt with Technical Quotation.

Sd/-
Director General Logistics
P.O. Box: 8402, Karachi-75270

PID K.3249/25

آءِ جي سنڌ جي جيڪب آباد پهچي مير اعجاز جکراڻي سان والد جي وفات تي تعزيت

مير بابل خان جکراڻي جيڪب آباد جي معزز شخصيت ۽ بزرگ سياستدان هو: جاويد عالم اوڍو

جيڪڏهن عورتن سان ڪا جانائزي ٿي آهي ان جو فوري طور تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

ڪچي ۾ آپريشن بعد حالات ڪافي بهتر ٿيا آهن، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ ڏيرا الهيار جي هاءِ ويز کي محفوظ بڻايو ويندو

جيڪب آباد (ڊ ر) آئي جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو جيڪب آباد جي جکراڻي هائوس تي پهچي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ مير خالد خان جکراڻي سان سندن والد مرحوم مير بابل خان جکراڻي جي وفات تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو صحافين سان
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: آءِ جي سنڌ اعجاز جکراڻي سان سندس والد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪندي

پاڻي جي چوري کي روڪي منصفاڻي ورهاست کي يقيني بڻايو وڃي: سيڊا مئنيجنگ ڊائريڪٽر

سيهڻ ڊويزن ۽ سب ڊويزن ۾ واٽر ڪورسن جي اصل ماپ هر صورت بحال ۽ برقرار رکيو وڃي

جنهن به نظام ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي انهي وارا بندي لاڳو ڪري ان تي سختي سان عمل ڪيو وڃي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سيڊا جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر منصور احمد ميمڻ چيو آهي ته پاڻي جي چوري کي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان ۾ جسقم جو فهميده لغاري آپگهات واقعي خلاف احتجاج

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ نياڻين سان ناروا سلوڪ تعليم کان پري ڪرڻ جي سازش آهي

حڪومت توڙي اختياريون خاموش تماشائي بڻيل آهي جنهن جو عدالتي نوٽيس ورتو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم طرفان ميرپورخاص جي ميڊيڪل يونيورسٽي جي شاگردياڻي فهميده لغاري ڪيس جي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو، خبر موجب ٽنڊو محمد
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ مجلس وحدت المسلمين پاران شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي پروقار مجلس

آيت الله سيد علي خامنه اي سميت ايران، لبنان ۽ پاڪستان جي شهيدن کي ڀيٽا پيش

عالمن جو اتحاد، مظلومن جي حمايت ۽ شهادت جي پيغام کي اجاگر ڪرڻ تي زور

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) مجلس وحدت المسلمين ڪنڌڪوٽ پاران سپريم ليڊر آيت الله سيد علي خامنه اي ۽ ايران، لبنان ۽ پاڪستان جي شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي ڪنڌڪوٽ جي ڳاو چوڪ تي هڪ پروقار
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

تعليمي ادارن ۾ سنڌ جون نياڻيون غير محفوظ آهن: ثمر جتوئي

ڊاڪٽر فهميده لغاري جي واقعي انسانيت کي لڄائي ڇڏيو آهي

نياڻي فهميده لغاري واقعي ۾ جيڪي به ملوث آهن انهن کي ڪيفر ڪردار تي پهچايو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) تعليمي ادارن ۾ سنڌ جون نياڻيون غير محفوظ آهن نياڻي فهميده لغاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي جيڪي به هن واقعي ۾ ملوث آهن انهن کي ڪيفر ڪردار تي پهچايو وڃي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

موررو ويجهو روڊ حادثي ۾ زخمي پوليس اهلڪار اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

موررو (ن ع) شهدادپور ٿاڻي جي آڳوڻي وڏي منشي سب انسپيڪٽر مرحوم نور محمد چانڊيو جو وڏي پٽ پوليس ڪانسٽيبل امان الله چانڊيو جو ڪجهه ڏينهن اڳ موررو ۾ روڊ ايڪسيڊنٽ ٿيو هو جيڪو علاج
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڊي ايس پي ڪوٽڙي ۽ ٻيا ڏرڻي واري هنڌ پهتا، شاگردن سان ڳالهين باجود احتجاج ختم نه ٿيو

ڄامشورو/سنڌ الاجي وٽ لڳل مسلسل شاگردن جي ڌرڻي هنڌ ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو اي سي ڪوٽڙي ايس ايڇ او ون 15 حامد اوڍو پهچي احتجاج ڪندڙ شاگردن سان ڳالهين دوران صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته شاگردياڻي جي واقعي تي سڄي سنڌ کي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ جسقم پاران فهميده لغاري واري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوآدم (ن ع) جسقم پاران ميرپورخاص ۾ حراسمينٽ بعد آپگهات ڪندڙ فهميده لغاريءَ جي واقعي خلاف شبير ڪوريجو، آصف ڪيريو، ٻبلو ڀيل، طفيل ٻهڻ ۽
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪورواهه ۾ ايس يو پي جو بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي مظاهرو

ريلي ۾ جي يو آءِ، پي ٽي آءِ، عوامي تحريڪ، قومي عوامي تحريڪ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڪورواهه (ن ع) شهر ڪورواهه ۽ يونين ڪائونسل ڪورواهه جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ پ پ زراعت کي هٿ وٺي تباهه ڪري رهي آهي: محمد اسماعيل

سنڌ ۾ اڳي وڏن جاگيردارن ۽ پوتارن پاران پاڻي تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) هاري اڳواڻن ٽيننسي ايڪٽ کي بحال ڪرڻ ۽ هاري ڪارڊ مان زمين جي مالڪي وارو شرط ختم ڪرڻ جي گهر ڪندي 17 اپريل تي سموري سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرين جو
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

موررو ۾ فنڪارن جو گهر ڊاهڻ خلاف ڳائي وڄائي احتجاجي مظاهرو

فنڪارن فقير فيض علي، استاد الهداد خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

منٺياڻي لڳ مڱڻهار برادري جي 50 ڪان وڌيڪ گهرن کي مسمار ڪندڙ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

موررو (ن ع) موررو ۾ فنڪارن پاران ڪيبر جي ڳوٺ جمع شهوڪ ۾ فن سان لاڳاپيل مڱڻهار برادري جي گهرن کي ڊاهڻ ۽ بي گهر ڪرڻ خلاف موررو پريس ڪلب اڏو ڳائي وڄائي فنڪارن فقير فيض علي عرف
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پنهي عاقل لڳ ٽريڪٽر هيٺيان اچي ٽينگري فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ ڪيراج چاچڙ ۾ حادثي سبب 5 ورهين جي راضل چاچڙ فوت ٿي وئي

پنوعاقل (ن ع) پني عاقل لڳ روڊ تي ٽريڪٽر هيٺيان اچي ٽينگري فوت ڳوٺ ڪيراج چاچڙ ۾ حادثي سبب 5 ورهين جي راضل چاچڙ فوت ٽينگري روڊ تي هلندڙ ٽريڪٽر ڦيٿيان راند ڪندي ان جي هيٺان اچي وئي: وارث

فيض گنج ۾ شاگردياڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري واقعي خلاف جسقم پاران احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن عطا حسين شر رياض چانگ شعيب ڪنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

نياڻين ڌارن واقعين ۾ ملوث اهڙن ڪردارن کي کلي عام ڦاهي ڏني وڃي: مظاهرين

فيض گنج (ن ع) ميرپورخاص ۾ شاگردياڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري واقعي خلاف جسقم پاران احتجاجي مظاهرو جسقم پاران عطا حسين شر رياض چانگ شعيب ڪنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪري
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ضلعي ۾ 51 هزار عورتون ممتا پروگرام ۾ شامل آهن: ڊي سي

عورتن کي ملندڙ رقم 30 هزار روپين مان وڌائي 41 هزار روپيا ڪئي وئي آهي

ضلعي جي 31 صحت مرڪزن تي اهل عورتن ۽ ٻن سالن جي ٻارن جي داخلا ڪئي پئي وڃي

شڪارپور (ڊ ر) سنڌ حڪومت جي ممتا پروگرام بابت شڪارپور ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي ڊي سي آفيس شڪارپور ۾ ٿي گذري ممتا پروگرام ۾ داخل عورتن کي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ملاڪاتيار: تقريب ۾ شريڪ اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم لڳ ٻن تيز رفتار چنگچي رڪشائن ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت

فوجي موڙ اسٽاپ پرسان حادثي ۾ نبي بخش خاصخيلي سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال آندو ويو جتان نازڪ حالت ۾ حيدرآباد نيو پي ويو ته فوت ٿي ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ميرپورخاص روڊ تي فوجي موڙ اسٽاپ پرسان ٻن تيز رفتار چنگچي رڪشائن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ پيارو خاصخيلي جو رهواسي چنگچي ڊرائيور 45 سالا نبي بخش عرف نبن خاصخيلي سخت زخمي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پ پ هميشه عوام جي بنا فرق جي خدمت جاري رکي آهي: عاشق علي زرداري

صدر پاڪستان جي مفاهمتي پاليسين سبب ملڪ ۾ جمهوريت جو تسلسل آهي

نيادت سدائين آئين حڪمراني قانون جي بالادستي ۽ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي آهي

ڪنڊيارو (ن ع) پ پ اڳواڻ عاشق علي زرداري چيو آهي ته پ پ عوامي پارٽي آهي جنهن هميشه عوام جي بنا فرق جي عوامي خدمت جاري رکي آهي، ملڪ جو اينڊ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري صدر
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سڄاول مرحوم محمد اسماعيل سومرو جي ايصال ثواب لاءِ ديني اجتماع

جي يو آءِ جي هزارين ڪارڪنن علماءِ ڪرام ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

دين اسلام انسان جي انفرادي، اجتماعي، معاشرتي ۽ اخلاقي زندگي جي هر پهلو ۾ مڪمل رهنمائي فراهم ڪري ٿو: علماءِ ڪرام

سڄاول (ڊ ر) امڙ اسٽاپ وٽ مرحوم محمد اسماعيل سومرو جي ايصال ثواب لاءِ هڪ شاندار ديني اجتماع منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي ماڻهن سان گڏ پري پري کان آيل جمعيت علماءِ اسلام جي هزارين
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: جلسي کي عالم خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوباگو ۾ پ پ جيالي جو نوڪري نه ملڻ تي پاڻ ساڙڻ جو اعلان

پارٽي قيادت وٽ سچن ڪارڪنن جي ڪابه اهميت نه رهي آهي: محمد انڙ

نوڪرين واري لسٽ ۾ پٽ جو نالو هو پر نالو لسٽ مان ڪڍيو ويو آهي

ٽنڊوباگو (ڊ ر) پيپلزپارٽي جي پراڻي جيالي ڪامريڊ محمد خان انڙ پاران پنهنجي پٽ ڪان 4 گريڊ جي نوڪري جو آرڊر نه ملڻ ڪري پاڻ ساڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو خبر موجب پيپلزپارٽي جي جيالي ڪامريڊ محمد خان
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۽ ڀرپاسي نشي آور سوپارين جي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ نشي وارين سوپارين وڪرو ٿيڻ پيون پر ڪارروائي نٿي ٿي

نوجوان پنهنجي زندگيون تباهه ڪري رهيا آهن، اعليٰ اختياريون ڪارروائي ڪن: مظاهرين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۽ ٻين ڪيترن ڳوٺن ۾ زيڊ ايڪيٽهن سوپارين جو وڪرو بند نه ٿي سگهيو سرعام نشي آور سوپارين وڪرو ٿيڻ لڳيون انتظاميا خاموش جنهن سبب نوجوان نسل جون زندگيون تباهه ٿيڻ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

راڌڻ لڳ جسقم پاران علي احمد لاڪير جي وفات تي تعزيتي ميڙاڪو

ميڙاڪي ۾ عبدالحميد لاشاري، عبدالستار جهتيال ۽ ٻين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

اڳواڻن مرحوم جي عوامي خدمتن تي روشني وڌي ۽ جدوجهد تي ڀيٽا پيش ڪئي

ڦڙڙي محبت / راڌڻ (نمائندن وڪان) راڌڻ لڳ ڳوٺ ڪريم ڏنو لاڪير ۾ جيئي سنڌ محاذ ضلع دادو پاران قومي ڪارڪن ۽ قومي جدوجهد جي علامت بڻيل علي احمد لاڪير جي وفات تي تعزيتي ميڙاڪو زير صدارت
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

فيض گنج پرسان هٿياربندن پاران ناري کي اغوا جي ڪوشش، مزاحمت تي مرٽينگ

ڳوٺ مهاڙي ۾ گهوٽ کي مهندي لڳائي واپس پي آياسين ته هٿياربندن ناري سپنا کي اغوا جي ڪوشش ڪئي: متاثرين

مزاحمت تي جوابدارن عورتن کي رڪشا مان لاهي تشدد ڪيو ته سپنا مرٽينگ ٿي پئي

ڪوٽ لالو پوليس وٽ وياسين پر ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

فيض گنج (ن ع) فيض گنج پرسان گهوٽ کي مهندي لڳائي واپس گهر ويندڙ عورتن تي جوابدارن جو حملو تشدد نوجوان ناري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت تي ناري مرٽينگ اسپتال داخل فيض گنج ڳوٺ مهاڙي ۾ گهوٽ جاويد ماڇي کي مهندي لڳائي عورتون رڪشا تي سوار ٿي جلالجي چوڏڪي واپس گهر پئي ويون
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل پورهيت نبي بخش خاصخيلي جو لاش پيل آهي

پيٽروليم ليوي ختم ٿيندي ته مهانگائي پاڻ مرادو گهٽجي ويندي: زين شاهه

ايران ۽ آمريڪا جنگ بندي جو خير مقدم ٿا ڪيون، پوري عالم ۾ امن جا خواهشمند آهيون

ميرپورخاص ۾ نياڻي جي خودڪشي واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي سخت سزا ڏني وڃي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه جي مرڪزي باڊي سان گڏ جي ايم سيد ايڊيفيس تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پيٽروليم ليوي ختم ٿيندي ته مهانگائي پاڻ مرادو گهٽجي ويندي ڊيزل جي تازي مقرر قيمت پڻ گهٽي آهي جيڪا سڌو سنئون اسان جي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: بجري جي ڍير مان پورهيت جو لاش ملڻ بعد وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر

اسان جو ٻار مزدوري ڪندو هو، شڪ آهي ته ڪيس قتل ڪري لاش بجري ۾ لڪايو ويو: محمد شاهه پناڻ

قاتلن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي: مطالبو

ڄامشورو (ڊ ر) حيدرآباد روڊ جو هلندڙ ڪم دوران بجري مان ملندڙ پورهيت ابراهيم شاهه پناڻ جو لاش هٿ اچڻ وارو ماسرو وارثن پاران قتل ڪرڻ جو شڪ ظاهر ڪندي قتل جو ڪيس داخل ڪري جوابدار
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ضلعي ۾ ترقياتي ڪمن جي رفتار تيزي سان وڌائڻ لاءِ اهم اجلاس منعقد

ڊي سي آفيس ۾ لوڪل ايڪسپوزيشن، ڊرينيج ۽ واٽر سپلائي اسڪيمن بابت اجلاس ٿيو

ترقياتي ڪمن سست رفتاري، لاپرواهي يا غفلت برداشت نه ڪئي ويندي: غضنفر علي قادري

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو ضلعي ۾ پبلڪ هيلٿ جي ترقياتي ڪمن جي رفتار تيزي سان وڌائڻ لاءِ اهم اجلاس، منصوبن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ جون هدايتون ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

چيلهار پرسان غيرقانوني هرڻ شڪار، ڳوٺاڻن 4 شڪاري پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيا

چيلهار (ن ع) چيلهار پرسان ڳوٺ بجل مڱڻهو جي رهواسين پنهنجي سيم ۾ شڪارين کي هرڻن جو شڪار ڪندي ڏسو ڳوٺاڻن پنهنجي ڳوٺ جي ڳوٺاڻن ۽ پر واري ڳوٺ آسار جي ڳوٺاڻن کي فون ڪري گهرائي ورتو شڪاري هڪ هرڻ کي جهلي وڌيڪ هرڻن جي ڳولها ڪري رهيا هئا ته ڳوٺاڻن شڪارين جو گهيراءُ ڪري ڇڙ شڪارين قربان راهمون الهجايو راهمون مقبول راهمون ۽ هڪ مقامي سهولتڪار مولو ڀيل کي پڪڙي هڪ هرڻ سميت
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

چيلهار: گرفتار ڪيل جوابدار پوليس جي حراست ۾ ويٺل آهن

شڪارپور پوليس پاران مختلف ڪيسن ۾ گهربل ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

شڪارپور (ڊ ر) ٿاڻو رحيم آباد پوليس ڪارروائي ڪندي جان کان مارڻ واري ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار امير بخش شر کي گرفتار ڪري ورتو. ٻي ڪارروائي ۾ قتل جي ڪوشش واري ڪيس ۾ مفرور جوابدار حفيظ سومرو کي به گرفتار ڪيو ويو. ان کان علاوه، ٿاڻو خانپور پوليس قتل جي ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار نورو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: پوليس هٿان گرفتار ڌوڙهاري حراست ۾ بيٺل آهن

ٽنڊومحمدخان صحافي قاضي شمس ٻانڀڻ جي گهر تي حملي خلاف احتجاجي ڌرڻو

يونين آف جرنلسٽ، پي ايف يو جي، پريس ڪلب جي صحافين ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو

قاضي شمس ٻانڀڻ جي گهر تي حملي ۾ 9 ڄڻن کي تشدد ڪري زخمي ڪيو ويو: مظاهرين

پوليس جي اهلڪارن مظاهرين سان ڳالهيون، ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ۽ پوليس ٻڪٽ ٿاڻو ڪرڻ جا مطالبا تسليم

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ يونين آف جرنلسٽ پي ايف يو جي، ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي طرفان سينئر صحافي قاضي شمس ٻانڀڻ جي گهر تي حملي 9 گهرڀاتين کي زخمي ڪرڻ واري واقعي خلاف ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج ڌرڻو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

شاگردياڻي فهميده لغاري جي آپگهات واقعي خلاف ڄامشورو ۾ ڌرڻو جاري، روڊ بلاڪ

مختلف شاگرد تنظيمن جي جوڙيل اتحاد، شاگرد جدوجهد اتحاد طرفان انڊس هاءِ وي تي احتجاج ڪيو ويو

ڌرڻي سبب روڊ بلاڪ ٿي ويو ۽ سوين گاڏين بيهجي ويون، ڪيس ۾ انصاف لاءِ نعريبازي

واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڄامشورو (رپورٽ عرفان برفت) ڄامشورو ۾ ميرپورخاص واقعي خلاف شاگرد جدوجهد اتحاد طرفان گڏيل شام ڪان انڊس هاءِ وي ڪاليج جي شاگردياڻي فهميده لغاري جي آپگهات واقعي ۾ انصاف لاءِ مختلف شاگرد تنظيمن جي جوڙيل اتحاد، شاگرد شنباڻي بسم علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گڏيل شام ڪان سنڌالاجي سامهون انڊس
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

شاگردن جي ڌرڻي سبب سوين گاڏين بيهجي ويون، ٽرانسپورٽرن جو مظاهرو

بيٺل گاڏين ۾ لوڊ ٿيل عام واهپي جي شين سميت سبزي فروٽ خراب ٿيڻ لڳو

ڪوٽڙي جي لوڊ ٿيل گاڏين ۾ شديد گرمي ڪري ٻاهر پڻ لڳي سگهي ٿي: ڊرائيور

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جي ڌرڻي سبب گڏيل 22 ڪلاڪن واري ڌرڻي ۾ انڊس هاءِ وي تان ملڪي سطح جي وڏيون قطارون لڳي ويون گاڏين ۾ عام واهپي جي شيئين سبزي فروٽ خراب ٿيڻ
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

جسقم اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران سيوهڻ روڊ تي پل جي هيٺان ڌرڻو هنيو ويو

ڄامشورو: جسقم جي مرڪزي سڏ تي ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل جي شاگردياڻي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪنري: معاثرين پاران روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊيارو ويجهو يوسي سومر چنڙ جو ڪائونسلر وڏيرو امير علي سولنگي لاڏاڻو ڪري ويو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو ويجهو ڳوٺ جواڻ سولنگي جو نيڪ مرد ۽ يوسي سومر چنڙ جو ڪائونسلر وڏيرو امير علي سولنگي دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو سندس وفات تي علائقي ۾ ڏک جي لهر پکڙجي وئي آسپاس جا سولنگي برادري جا ماڻهو وڏي انگ ۾ ڳوٺ جواڻ سولنگي پهتا مرحوم جي جنازي نماز سڀاڻي (اڄ) ادا ڪئي ويندي

ڏگهڙي ۾ جسقم ۽ ايس ٽي پي جو فهميده لغاري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

ميڊيڪل ڪاليجون نياڻين لاءِ درسگاهون نه پر مقتل گاهه بڻيل آهي: مظاهرين

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ جسقم ۽ ايس ٽي پي پاران ميرپورخاص ۾ پوزيشن هولڊر ميڊيڪل شاگرد دياڻي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

موررو: فوت ٿيل عورت جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

ٻلڙي ۾ قومپرست ڪارڪن جي گرفتاري خلاف سياسي سماجي تنظيمن جو احتجاج

ايس ايڇ او ڏرو ٻنا ڪنهن سبب فاضل خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو آهي: مظاهرين

ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪري فاضل خاصخيلي کي آزاد ڪيو وڃي

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو جي قومپرست ڪارڪن فاضل خاصخيلي کي ايس ايڇ او ڏرو حاڪم خاصخيلي پاران ٻنا ڪنهن سبب جي گرفتار ڪرڻ جي خلاف ميرپوربٺورو جي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

وڳڻ پرسان ٻاڙي جي معاملي تان ويگن ڊرائيور ۽ ڪليڊنر جو مسافرن سان جهيڙو مڪن جو وسڪارو

وڳڻ (ن ع) وڳڻ پرسان نصيرآباد مين روڊ جاني بند وٽ هڪ مسافر ويگن ڊرائيور پاران مسافرن سان ٻاڙي جي معاملي تان منهن ماري ٿي جنهن ۾ هڪ ٻئي تي مڪن جو وسڪارو ڪيو ويو ٻين مسافرن وچ ۾ پئي ڪين ڇڏايو ان حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته مسافرن علي نواز ۽ عبدالجبار سرڳاڻي ويگن ڪليڊنر شعبان سان منهن ماري ڪئي جنهن تي ويگن ڊرائيور مسافرن کي ٺونشا هنيا ۽ معاملو وڌي ويو آخري اطلاعن تي ٻين مسافرن وچ ۾ پئي معاملو حل ڪري ڇڏيو

ٿاڻي بولاخان ۾ بيواهه عورت جو ڇهن نياڻين سان گڏجي ٻاڻن خلاف احتجاج

برفت محلي جي رهواسڻ بيواهه رخسانه برفت پنهنجي نياڻين سان گڏجي پريس ڪلب پهتي

ٻاڻيجي انور برفت ۽ ٻين باثر ماڻهن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

ٿاڻوبولاخان (ن ع) ٿاڻي بولاخان جي برفت محلي جي رهواسڻ بيواهه رخسانه برفت پنهنجي 4 نياڻين سان گڏجي پنهنجي ٻاڻيجي انور برفت ۽ ٻين باثر ماڻهن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب پهچي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

چيلهار پرسان ڳوٺ هريار ۾ باهه لڳڻ سبب پنج پورهيتن جا چونئرا سڙي رک

مهر ٺڪرن جي ٻاڙي ۾ باهه سبب گئيس چيلو پورهين، ڪرنيو ۽ هريسنگهه ٺڪر جا گهر چونئرا ۽ لانڍيون سڙي ويون

چيلهار (ن ع) چيلهار پرسان ڳوٺ هريار ۾ مهر ٺڪرن جي ٻاڙي ۾ اوچتو باهه لڳي وئي باهه لڳڻ ڪري ماستر گئيسو ٺڪر چيلو ٺڪر پورهيجي ٺڪر ڪرنيو ٺڪر ۽ هريسنگهه ٺڪر جا سمورا چونئرا ۽ لانڍيون
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سيراڻي ۾ واپاري جي دڪان کي باهه، ڪروڙين رپين جو نقصان، شٽر بند هڙتال

شهرين، سماجي ڌرين ۽ واپاري شٽر بند هڙتال ڪري ميرواهه موري تي پنج ڪلاڪ ڌرڻو هنيو

سيراڻي شهر ۾ چورين جو آزار روز جو معمول بڻجي ويو آهي پوليس ڪک چني هيٺو نه ڪيو آهي: مظاهرين

واپاري حاجن شاهه جي دوڪان کي پراسرار نموني باهه لڳي انتظاميا کي فائربرگيڊ گاڏي لاءِ فونون ڪيون مگر ڪنهن ٻر نه ٻڌي

بدين (ڊ ر) سيراڻي شهر ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي چورين قرون ٿيڻ روز جو معمول گذريل رات شهر جي مک واپاري جي دڪان کي باهه لڳڻ سبب ضلع انتظاميه بدين کي اطلاع ڏيڻ باوجود به وقت تي فائير برگيڊ گاڏي نه پهچي سگهي جنهن ڪري واپاري جو ڪروڙين رپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو جنهن
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: صحافين پاران صحافي جي گهر تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ هندو برادري جو چوٽڪو جي واپاري جي گرفتاري خلاف احتجاجي ڌرڻو

چوٽڪو ۾ ايس ايڇ او سورائي باجواڙ جي دڪانن تي چڙهائي ڪري راڪيش ڪمار گرفتار ڪري تشدد ڪيو آهي: مظاهرين

وزير اعظم، صدر پاڪستان ۽ وزير اعليٰ سنڌ معاملي جو نوٽيس وٺي جاچ بعد انصاف فراهم ڪري

خيرپور (ڊ ر) گذريل ڏينهن چوٽڪو شهر ۾ ايس ايڇ او سوراهه عبدالمجيد سنڌايو پاران هندو برادري جي دڪانن تي ٻنا جواز چڙهايون ڪري واپاري راڪيش ڪمار کي گرفتار ڪري مٿس تشدد ڪرڻ خلاف رات
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ مونگهٽ ۾ باهه، ست گهر سڙي خاڪ، هڪ ٻڪري مري وئي

مٺي (ڊ ر) تعلقي اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ مونگهٽ ۾ گذريل ڏينهن مينگهواڙ پاڙي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي ۾ صحت ايمرجنسي سبب عملي جون موڪلون رد ڪيون ويون

ڊي ايڇ او ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ مختلف اسپتالن جو دورو ڪري مريضن جي عيادت ڪئي

منڪي پاڪس وبا جي خاتمي لاءِ اسان سڀني کي گڏجي محنت ڪرڻي پوندي: ڊي ايڇ او

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ ضلعي اندر صحت جي حوالي سان ايمرجنسي جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور جي عملي جون موڪلون رد ڪري ڇڏيون ۽ سٽي اسپتال خيرپور جو دورو ڪيو ۽ گمس اسپتال ۾ داخل منڪي پوڪس
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ويجهو پوليس ڪارروائي، منشيات سميت هڪ جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ويجهو ويهڙ ٿاڻي جو ايس ايڇ او علي گوهر جويو پنهنجي ٽيم نثار احمد سرڳاڻي وحيد علي جسڪاڻي ۽ ٻين
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: صوبائي وزير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميرپورخاص ۾ حراسمنٽ جو شڪار ٿي آپگهات ڪندڙ نياڻي فهميدا لغاري کي شهيد سمجهان ٿو: عاجز ڌامراهه

ڄامشورو: ميرپورخاص ۾ حراسمنٽ جو شڪار ٿي آپگهات ڪندڙ نياڻي فهميدا لغاري کي شهيد سمجهان ٿو اها شهيد آهي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڪجهه انساني روپ ۾ وحشي بگهڙ موجود آهن
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: جسقم پاران فهميده لغاريءَ جي واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان ۾ ترقياتي ڪمن جي شروعات، اهم روڊ منصوبن جو افتتاح

ايم اين اي سيد نويد قمر ۽ ٻين اڳواڻن پاران لنڪ روڊ منصوبن جو افتتاح ڪيو

باڙي شاهه ڪريم کان کهور واهه تائين روڊ جي مرمت سان آبادگارن ۽ مسافرن کي سهولت فراهم ٿيندي

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي ڀلائي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي کي اوليت ڏني آهي: اڳواڻ

ملاڪاتيار (ن ع) ٽنڊو محمد خان ۾ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جتي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن پاران پراونشل هاءِ وي روڊ جي مختلف منصوبن جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو افتتاحي تقريب ۾ ايم اين اي سيد نويد قمر سابق ايم پي اي حاجي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

آپ کی محنت،
آپ کے اپنوں کے لیئے انعام!

اضافی رقم حاصل کرنے کے لیے رقم صرف NBP کے مجاز Remittance Partner کے ذریعے بھجوائیں
اور رقم براہِ راست NBP اکاؤنٹ میں بھیجنے پر اصرار کریں نہ کہ کسی درمیانی بینک کے ذریعے۔

جتنی ٹرانزیکشنز اُتنا انعام
یہ اسکیم 23 فروری سے 31 مئی تک کے لیئے ہے

ٹرانزیکشن کی رقم	اضافی رقم/انعام
200 ڈالر یا اس سے زیادہ	300 روپے
300 ڈالر سے زیادہ	400 روپے
500 ڈالر سے زیادہ	500 روپے

نیشنل بینک اور پاکستان

NBP National Bank of Pakistan
نیشنل بینک آف پاکستان
UAN 111-627-627 | www.nbp.com.pk
قوم کا اپنا بینک
PID K.2880-D/25

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪيو.